ٽُٽ ڦٽ

ليکڪ ۽ چترڪار:

ليڇمڻ ”مسافر“

ڪرڻو باتصوير سنڌي ادبي رسالي طرفان هڪ پيشڪش


پڌمت

000022

لڇمڻ يو. ڪڪريجا ”مسافر“

ڪڪريجا پبلشنگ هائوس
بي ٢٤٥/٤١، نوان بلاڪ، الهاسنگر - ٤٢١٠٠٥
فون : ٥٢٦٠٢٦

ڪاھوءَ جو ٻُڌ



KUKREJA

K-2-36



ليکڪ جي قلم مان:

هي ڪتاب "ٻڌ مت" هڪ ليکڪ ۽ مضمونن جو مجموئو آهي. هي مضمون ٽائيمس آف انڊيا، نو ڀارت ٽائيمس، وومنس ايرا، اينشنٽ انڊيا ۽ ٻال دوست ۾ آيل ليکن جي آڌار تي لکيا ويا آهن.

هن مهل تائين ڪڪريجا پبلشنگ هائوس، جو ۲۹ ڊسمبر ۱۹۸۷ع تي برپا ڪيو ويو هو، ٻاران ڪافي ڪتاب ڇپايا ويا آهن جي آهن:

— ۴ ڪهاڻين جا ڪت
(ليکڪ: لڇمڻ يو. ڪڪريجا)

— ۸ ٻال دوست (باتصوير ۽ جهنگل جو سڏ)
(ليکڪ: لڇمڻ يو. ڪڪريجا)

— ۲ اتهاسڪ ڪتاب (موهن جو دڙو ۽ آريہ)
(ليکڪ: لڇمڻ يو. ڪڪريجا)

— ۴ ڪرٽو (ٽماهي مخزن جا پرچا) [باتصوير]
(سمپادڪ لڇمڻ يو. ڪڪريجا)

— ۱ ٻال سڀا (باتصوير)
(ليکڪ: ساون ڪمار اداسي)

— ۳ شعرن جا مجموعا (دل و دنيا، ساگر ۽ شمع)
(ڪوي ايم. رفيق)

— هن دفعي جو اتهاسڪ ڪتاب "ٻڌ مت" آهي.
ليکڪ لڇمڻ يو. ڪڪريجا

هي سڀ اشتهار ڏيندڙن جي مهرباني ڪري ٿيو آهي. نہ تہ هوند ممڪن ڪونہ هو. ارمان جي ڳالهہ آهي تہ ڪو خريد ڪري پڙهڻ وارو ڪونهي ۽ نہ وري ڪو پڙهڻ وارو آهي. عجيب دور هلي رهيو آهي!

BUDDHA MATA

Writer : Lachhman U. Kukreja 'Musafir'
B-41/245, New Blocks, Ulhasnagar-421 005.
Phone : 526026

Cover Design : Lachhman U. Kukreja 'Musafir'

Published by : Bhagwanti L. Kukreja
B-41/245, New Blocks, Ulhasnagar-421 005.
Phone : 526026

Printed at : Jai Shivshakti Printers,
Shop 1, Indira Gandhi Veg. Mkt. Compound,
Section 23, Ulhasnagar-421 003.
Phone : 71822

Year : January 1998

Price : Rs. 40/-

فهرست

١. ٻڌ مت (ٻوڌي مت) ١

٢. ڀڳوان ٻڌ جو آخرين سفر ٥٤

٣. ٻڌ کي اپوڙ ڇڏائڻ ٦٦

٤. ٻوڌي مت شروعاتي ڪرستاني من تي اثر ڪيو ٨٦

٥. باميان ٻڌ جي مورتيءَ خلاف طالبان ٨١

٦. موهن جو دڙو ۽ پپل جو وڻ ٩٣

٧. ڪاهوءَ جو دڙو ٩٨

ٻڌ ڌرم (ٻوڌي مت)

ڀارتي ڌرمن جي اِتهاس ۾، ٻڌ ڌرم اِها جڳهه والاري ٿو جنهن سان ڪنهن ٻئي ڌرم جي برابري ٿي نٿي سگهي. هڪ ته هن ڌرم جا دروازا نه فقط ڀارتي ماڻهن لاءِ کليل آهن پوءِ اُهي ڪهڙي به سماج ۾ ورڻ جا ڇو نه هجن، پر ڌارين لاءِ به کليل آهن جيئن هندو - يوناني، ۽ هندو - ساڪ، جي ڀارت ۾ اَچي وسيا ۽ ٻيو ته هن ڌرم جو ڀارت کان ٻاهر ديسن ۾ ڦهلاءُ، جي آهن سيلان (سري لنڪا)، برما، ٿائلنڊ، ڪمبوڊيا (ڪمپوچيا)، وچ ايشيا، ۽ چين، نيپال ۽ تبت، ۽ اِنڊونيشيا جا ملڪ، ۽ گڏوگڏ ڪوريا، جپان ۽ منگوليا. ڌرم جي ڦهلاو سان گڏ هنن ملڪن ۾ ٻوڌي ڪلا ۽ واستو ڪلا، ٻولي (پالي) ۽ ساهت، ۽ سڀ کان وڌيڪ، ٻوڌي لکيتن جي ترجماني ۽ ٻيو ڪجھ ساهت اِنهن ملڪن جي ٻولين ۾ ترجمو ٿيا جتي هن ڌرم جڳهه حاصل ڪئي. توري ۾ اِئين چئجي ته ڀارت جي سپيتڪ پرمپرا کي هن ڌرم جي مهرباني سان ايشيا جي گهڻن ئي ملڪن اَپنايو.

تٿاگت کان اڳ ۾ هندو سماج جي حالت: ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم جي اوسر کي هندو سماج جي اِن وقت جي حالتن هٿي ڏني جڏهن مهاتما ٻڌ جو جنم ٿيو. هندو سماج پنهنجو اڳيون اَوج وڃائي چڪي هئي. هن سماج ۾ گهڻيون ئي خراب ريتيون، رسمون ۽ رواج گهر ڪري ويا هئا. ڌرم جي معاملي ۾ برهمڻن جي هڪ هٽي هئي جن پاڻ کي اِئين پئي سمجهيو ته هو ئي اوچا اِنسان آهن. هنن وهمن کي همٿايو ۽ جيترو ٿي سگهيو هنن ماڻهن مان ڌهڻ جي ڪوشش

واڌو اڻ ڄاڻ اَبوجهه ۽ سنديهه پوڄارين وهمن ۽ ڀرمن ڪري پئي همٿايو. اِن ڪري جنتا جي ڪنهن به واڌاري ۾ رڪاوٽ پئي آندي، سڀيتا ۾ رڪاوٽ ۽ ظلم ۽ ڦرلٽ جو رستو پيدا ٿيو.

(٢) ساڳئي حالت قربانين سان به هئي. گهڻين ئي صدين تائين قربانين جي وڌي ڪري هڪ عمدي ڪلا ۾ بدلايو ويو ۽ اِهي اُهي برهمڻ اهو ڌرمي ڪم چڱيءَ طرح ڪري سگهندا هئا جي ماهر هئا ۽ اِها ڳالهه ڌيان ڇڪائيندڙ ٻڌائي وئي ته قرباني جي ڪريا لاءِ دڪشڻا جي ضرورت هئي يا ته اِن پوڄارين کي يا پوڄارين ۽ سندن نوڪرن کي پئسا ڏنا وڃن جيڪي اها قربانيءَ جي ڪريا ڪندا هئا. برهمڻن، پوڄارين جي هرڪا اِئين ڪوشش هوندي هئي ته گهڻي ۾ گهڻيون قربانيون ٿين جن کي هر ڪنهن گهر کي ڪرڻيون ٿي پيون. ڪي قربانيون ننڍيون هيون ته ٻيون ڪي وري وڏيون هيون پر برهمڻن پوڄارين ٻنهي موقعن تي پاڻ کي شاهوڪار بڻائي ڇڏيو. ملڪ جي راڄا جي راڄگدي تي وهڻ ۽ اَشوميڌ وقت ملڪ جي خزاني مان گهڻو ئي ڌن پئي خرچ ڪيو ويو. هزارن جي تعداد ۾ براهمڻن کي پئي مجلس ۾ ڪارايو ويو. اِنهن سڀني کي ڇڙواڳ نموني دڪشڻا ڏني ويندي هئي. جهجهي اَنداز ۾ جانورن جو بل اِنهن موقعن تي چاڙهيو ويندو هو. ملڪ جي سڀني عملدارن جو سڄو ڌيان اهڙن بل چاڙهڻ جي ڪريائن تي جميل رهندو هو. ملڪ جي راڄ ڪاروبار ۾ رڪاوٽ ايندي هئي پر برهمڻ پوڄاري اِنهن ماڻهن جي ڪيسن ۾ رشوت جي طور پئسا وجهندا هئا جن کي اَهڙين ڪريائن تي اَعتراض هوندو هو. جيئن اُهي پوڄاري پنهنجو پلڙو ڀاري ڪري سگهن. اِها ڳالهه عام ۾ پسند ڪونه هئي ۽ جيڪي قربانيون

ڪئي. ڳالهائڻ جي ديوي شڪتيءَ جي ويدڪ ويچارن کي منترن جي فلسفيءَ جي نموني ۾ صاف آڪاش جي لهرن وانگر پولار جي سوکيم ٿنگٿرن مان وهڻ شروع ڪيو ۽ جيڪي ٺي پهريان ڄاتل سڃاتل آواز پنهنجو پاڻ ۾ تخليق جا سبب هئا. منتر سنسڪرت جو روپ هو جو آوازن ۽ ڳائڻ ٿي بدل هو ائين چيو ويندو هو ته اهي صاف آڪاشي لهرن تي ضابطو ڪن ٿا گڏوگڏ اثر پيدا ڪن ٿا جي ماڻهن ۽ جسم لاءِ فائديمند هئا. ائين وشواس ڪيو ويندو هو ته منتر جنگ ۾ جيت يا هار ڏيئي پئي سگهيا. ملڪ جي سمپتي ۽ سمرڌي وڌائڻ جي خاطري ڏيئي پئي سگهيا يا وري دشمن جو ناس پئي ڪري سگهيا. گڻ تنترن ۾ جن پدن ۾ جنتا جا مت حاصل ڪري پئي سگهيا ۽ سامهون وارن کي چپ ڪرائي پئي سگهيا. يا ته پنهنجو پاڻ واحد نموني ۾ يا وري وڏڪ دوائن ۽ ڪکن سان جڙي منتر ڪنگهه وغيره ٺيڪ ڪري پئي سگهيا يا وري وارن کي وڌائي پئي سگهيا. منترن پنهنجو پاڻ ۾ برهمانڊ جو شڪتي شالي اصول سمائي ڇڏيو هو ۽ اهو ڏينهن ڪونه گذرندو هو جنهن ۾ هڪ نه ٻئي نموني انهن منترن جو استعمال نه ٿيو هجي.

جيڪڏهن برهمڻ پوڄاري شڌ ٿائي جي اوچي ويچار ٿائين محدود هجن ها. منترن جو استعمال يا ته نقصان دايڪ ڪونه هجي ها يا جنتا ۾ ڌرمي جيون ۽ پوترتا جي اوسر ۾ مدد ڪري ها. ڪيئن ته منترن جي برهمڻي ڏس اهو پئي اثر ڪيو ته انهن ۾ پنهنجو پاڻ ۾ ديوي اصول ۽ ديوتا جي لاچار ڪندڙ شڪتي سمايل آهي. جن برهمڻ پوڄارين کي ڪا خاص ڄاڻ ۽ سکيا ڪونه هئي انهن به منترن جو واهپو پئي ڪيو ۽ پڻ جن کي اوچ نيتيءَ جي خبر به ڪونه هئي، منترن جو

جيڪو عام انسان جي سمجهه کان ٻاهر هو. ويدن جون رچائون ۽ انهن ماڻهن جي سمجهه کان ٻاهر هيون ۽ انڪري ساراهه نٿي ڪري سگهيا. برهمڻن ۽ انهن رچائن کي سمجهائڻ ۾ تڪليف ٿي محسوس ڪئي. عام آدميءَ لاءِ اپنشدن جي ڳوڙهي فلاسافي ته تمام مشڪل هئي. شاسترن ۽ سوترن جي فلاسافيءَ به ماڻهن جي مٿان ڪو اثر ڪونه ڪيو. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته جيڪڏهن ماڻهن هندو ڌرم کي ڪونه سمجهيو هو ته انهن مان اها اميد رکڻ ته هو هندو ڌرم کي پيار ڪندا غلط هو. ويد ڌرم وڏن ويچارن ۽ ديوتائن جي مجسمن سان روح رهي مٽي، چونڪارو ۽ دنيا جي تخليق فقط ڪڙڪڙ جو آواز هئا جي عام انسان جي اندروني ٻڪ ڪونه ٿي مٽائي سگهيا. ائين محسوس ڪيو ويو ته ڪنهن اهڙي ڌرم جي سخت ضرورت هئي جو ٿوري گهٽ ڳوڙهو ۽ گهرو هجي جو ماڻهن دواران سمجهي سگهجي ۽ جنهن کي روزاني جيون جو هڪ حصو ڪري سمجهن.

(٥) برهمڻ پوڄارين جي حياتيون گاريون ڪائڻ کان مٿي ڪونه هيون. هو وڏيڪ دنيوي ۽ پرشت جيون گهاري رهيا هئا. سچ ته ائين هو ته گهڻو ڌن ڪٺو ڪندڙ ٿيندا ٿي ويا ۽ اها فقط انهن پارن حد کان وڏيڪ ڌن ڪٺي ڪرڻ جي نچوڙي هئي.

(٦) هندو سماج ورڻن جي رواج جي خرابين کان ورتل هئي جي گهٽ درجي يا شودر جيڪي گهٽ درجي جي حياتي گذاري رهيا هئا ۽ بي عزتي سهي رهيا هئا. جن کي ٻه دفعا چاولن کان مٿي هجڻ لاءِ نفرت هئي ۽ هميشه تيار هئا ته ڪو وجهه ملي ته انهن جي داداگيري کي ختم ڪجي جن کي هو ڪونه چاهيندا هئا ۽ جن لاءِ هنن کي نفرت هئي.

گهرو سطح تي ڪيون وينديون هيون ان حالت ۾ گهر وارن کي ٿي نظر رکڻي پوندي هئي ۽ اهو سڀ سندن نظر هيٺ ٿيندو هو. قربانيون ان لاءِ به ڪيون وينديون ته پٽ ڄمي، ڄم جي قرباني هر مهني دهرائي ويندي هئي. گهڻن ٿي سنسڪارن جي موقعن تي قربانيون ڪيون وينديون هيون. جانورن جون اجهل قربانيون ۽ برهمڻن جي سوم رس ورتائڻ ڪانپوءِ نشي جي حالت ۾ اچڻ، مٿون گهر وارن ۽ رياست کان دکشڻا جي گهر. اهي سڀ ڪارڻ هئا جن برهمڻن پوڄارين جي خلاف گهڻي ڪوڙائڻ پيدا ڪئي هوندي. عام ماڻهو به اهڙن ڪڌن ڪرتوتن ۽ رياست جي خراب حالتن مان تنگ اچي چڪا هوندا جن جو اچوڳو فائدو وٺي رهيا هئا ۽ پاڻ کي وڏي ڏوهاري سمجهي رهيا هئا.

(٣) هڪ ٻيو پرم جنهن کي برهمڻ عام ماڻهن ۾ هٿرايو سو هو تپ ڪرڻ سان لاڳو يا پنهنجي تن کي تڪليف ڏيڻ جنهن مان انهن وشواس ڪيو ويندو هو ته ٻنهي ديوتائن ۽ انسانن کي اندرين روحاني نظر تي حاصل ٿي ۽ وري قدرت جي شڪتين مٿان حڪم جي حاصلات. پنجن باهين وچ ۾ وهڻ يا وري جهنگل ۾ ماڪوڙن جي دڙن جي مٿان ويهڻ ۽ وري هڪ ٽنگ تي بيهڻ ۽ هڪ ٻانهن کي پنهنجي مٿي جي مٿان جلهڻ جيستائين ڪ رڳون ڪمزور نه ٿيون آهن. انهن پرمن وهمن ۽ انڌ وشواسن کي انهن سمجهيو ويندو هو ته انهن سان طبعي ذهنن تي مالڪي ملندي ۽ برهماند مٿان به ضابطو رهندو. ديوتائون به اهڙن ماڻهن جي خواهشن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٻڌل رهندا. ورت رکي اپواس رکڻ سان به ساڳيا ئي ڦل ملڻ جي اميد هئي.

(٤) هندو ڌرم هڪ ڳالهين جو منجهيل ٻڳو پيئي ٻيش ڪيو

جنهن شروعاتي ڪڙيون لمبني، ڪپل وستو ۽ اروُ ٻيلا سان جڙيل هيون.

ٻڌ جي جيون: گوتم سڌارٿ يا ٻڌ، ٻڌ ڌرم جو پايو وجهندڙ هو. هن کي "گياني" سڏيو ويندو هو مطلب ته جنهن کي "گيان جي روشني ملي هجي." "تٿاگت" (جنهن سچ لڌو هجي) جيڪو ساڪيا جو رشي هجي. اسان کي گوتم ٻڌ جي حياتيءَ جي باري صندي خاطري ڪونه آهي پر اسان کي لڳ ڀڳ پوءِ جيڪو ثبوت مليو ان تي ڀروسو ڪرڻو پوندو. جن کي لڳي ٿو ته پراڻين ريتين رسمن جي ڪري سنڀالي رکيو ويو ۽ ڪنهن ڪويتا جي روپ ۾ هٿئون هٿ مليو آهي. هن جي پيءُ جو نالو سڌوڌن هو ۽ سندس ماتا جو نالو مها مايا هو. سنهلين (سري لنڪا) جي رواجن موجب، ٻڌ جو مها نرواڻ عيسيٰ کان ٥٤٣ سال اڳ ٿيو. جيڏهن هوُ ٨٠ جي ڄمار ۾ موت ٿيو. ان جو مطلب ته هن جو جنم عيسيٰ کان ٦٢٣ سال اڳ ٿيو هوندو. ۽ هن تاريخ جي وري خاطري ملي ٿي گمفا ۾ آيل ڇاڻ مان، جنهن کي ڪالنگا جي راجا کاراويلا لکارايو هو. ڪيڏهن به هي تاريخ سمراٽ اشوڪ جي ٻڌ ڌرم اختيار ڪرڻ واري تاريخ سان ميل نٿي کائي ۽ خاطري واري آهي ۽ جنهنجو ٻڌ جي نرواڻ ڌرم اختيار ٢١٨ سالن کان اڳ ٿيو. اها ڳالهه مشهور آهي ته سمراٽ اشوڪ عيسيٰ کان ٢٦٩ سال پوءِ اهو ڌرم اختيار ڪيو. پر جيڪڏهن اسان ڪٽي عيسيٰ کانپوءِ جو ٥٤٣ سال منظور ڪيون جنهن ۾ ٻڌ جو نرواڻ ٿيو ان مان اڻين ملي ٿو ته اشوڪ جو ڌرم اختيار عيسيٰ کان ٣٢٥ سال اڳ ٿيو. ثابت آهي ته ٻڌ جو جنم عيسيٰ کان ٦٢٣ سال اڳ غلط آهي.

اڄان به اڻين چيل آهي ته نرواڻ جي هر سال گذرڻ

(٧) کتريِن ۽ وئشن کي برهمڻن جي داداگيري پسند ڪونه هئي. دولت ۽ سٺي ٻڌي شڪتي هجڻ جي باوجود به هو برهمڻن جي لڇائيءَ جي خلاف هئا جن سڄ ٻج سماج جي سٺائيءَ لاءِ ڪم نٿي ڪيو. اهڙي ماحول ۾ ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم اڀري ظاهر ٿيا.

ترقي پسند گوتم ٻڌ: عيسيٰ کان اڳ ڇهين صدي يا ان جي آس پاس وارو وقت ڀارتي تاريخ جو اهڙو سمو آهي جنهن ۾ راجنيتي، ڌرم، فلاسافي ۽ سماج جي کيتر ۾ انيڪ ڦيريون گهيريون آيون ۽ فن ۽ فڪر، سوچڻ جي نون طرفن جو اڌياءُ کليو.

ڌرم ۽ اڌياتم جي کيتر ۾ جن ڌرمن وقت جي سماج تي گهڻي ڀاڱي اثر ڪيو آهي آهن:

✱ داس پتر (شودر) مکل گوشال ۽ سنڌس پوئلڳن ڀاران پيدا ٿيل ”آجيوڪ ڌرم“ جنهن کي ”آجيوڪ“ يا ڀاڻي جي انوسار ”دئشڪ ڌرم“ به چيو ويو آهي.

✱ اتهاس کان به اڳ رشڀديو کان شروع ٿي پارشوارناٿ وغيره گهڻن تيرٿنڪرن ڀاران واڌارو ڪيل جين ڌرم جي ورڌمان مهاوير ڀاران نوان سنسڪار.

✱ تٿاگت گوتم ٻڌ ڀاران ڦيرايل ٻڌ ڌرم.

ٻڌ پورڻما ۽ ٻڌتو جو ملڻ: ٻڌ پورڻما ڏينهن راجڪمار سڌارٿ کي ٻڌتوُ جي پراپتي ٿي هئي، گيا ۾ لڳاتار ست ڏينهن ٿائين اشوسٿ (پپل) جي هيٺان سماڌيءَ ۾ رهڻ کانپوءِ، انهن ڏينهن ويساک جي پورڻما تي راجڪمار کي گيان حاصل ٿيو هو. ان کي سنبوڌي چوندا آهن. انڪري گيا کي ٻوڌي گيا چوندا آهن ۽ اشوسٿ وڻ کي ٻوڌي وڻ چوندا آهن. ان ٻڌتو جي حاصلات کان اڳ راجڪمار سڌارٿ

٦ ٻاهريان ڏند هئا جو سندس بدن ۾ گهڙي ويو. جوتشين ۽ نجومين اِها اڳڪٿي ڪئي ته اِن سڀني موجب اِيندڙ ٻار يا ته وڏو سمراٽ ٿيندو يا وري پيغمبر اولياءَ، راڻي مها مايا پنهنجي پيٽ ۾ ٻـوڌ سٽوا کـي ڏهن مهنن جـي رکڻ کانپوءِ جڏهن سندس وقت آيو ”ديو دها“ ۾ وڃڻ جي اِڇا ڏيکاري جتي سندس پيڪا هئا. راجـا منظور ڪيو ۽ حڪم ڪيائين ته ڪپل وستوءَ کان ديو دهـا تائين رستو صاف سٿرو ۽ لسو ڏاهيو وڃي. رستن جي پاسن کان ڪونڊين ۾ ٻوٽـا رکيا وڃن. جهنڊا ۽ پـڙدا ٽنگيا وڃن اِن کانپوءِ ئي راجا کيس ڏوليءَ ۾ موڪليو. رستي تي ئي لمبنيءَ جي شال باغ ۾ هن هڪ شال وڻ هيٺان پٽ کــي جنم ڏنو. ڪوشل راج جي هيٺ آنـدل ڪپل وستو راج جو چونڊيل شاڪيه گڻ مکيه شڌوڌن جي پٽني مهامايا جي ماءُ جـو ڪل نـگر ديودهه هو. ٻار ڄڻڻ کان اڳـ۾ پنهنجي پيڪن ۾ وڃڻ وقت لمبني جي شال ٻن ۾ کيس سور ٿيا. اِتي هڪ شال وڻ جي هيٺان ٻالڪ سڌارٿ جو جنم ٿيو سمراٽ اَشوڪ جـو پرچاري ٿنڀو اڄ ٻـه اِتي آهي جنهن تي **هد ٻڌي جاتي ساڪيه منيت** مطلب هتي شاڪيه مني ٻڌ جو جنم ٿيو ٽراشيل آهي.

هن جـي جنم کانپوءِ ستت ئـي هڪ پاڻيءَ جـو چشمو پئدا ٿيو جنهن ۾ ٻار کي سنان ڪرايو ويو. اِن کانپوءِ ٻار ست پخنا قدم کنيا ۽ ست منتر اُچاريا ”جيڪو ٻه ڪڇ سنو آهي اِنهن جو مثال ٿيندس ۽ هيءُ منهنجو آخرين جنم ٿيندو ۽ آءٌ هستيءَ ۾ مهاساگر جهاڳيندس ۽ پار پوندس. ٻڌ جي مجهم نڪايه جي اَنوسار جمڻ کانپوءِ ستين ڏينهن مهامايا فوت ڪيو ۽ ٻار جي پالنا ماٽيلي ماءُ جا سندس ماسي ٻه هئي پرجاپتي گوتميءَ ڪئي. جنهن کيس پنهنجي ٿـڃ ڏيئي کير پيئاريـو.

ڪانپوءِ هڪ ٻڙي ڳنڍي ويندي هُئي ۽ اِها مشق ڪتان ۾ عيسيٰ کان ۴۸۹ سالن تائين هلندي آئي. اِن سال ۾ ڪل ٻڙيون ۹۷۵ هيون. جيڪڏهن اَسان ۹۷۵ ٻڙين مان ۴۸۹ ٻڙيون ڪڍنداسين ته جواب ملندو ۴۸۶ يا ۴۸۷ جو ئي صحي وقت آهي. جڏهن ڀڳوان ٻڌ جو نرواڻ ٿيو. جيڪڏهن اَسان ۴۸۷ مان ۲۱۸ ڪٽ ڪنداسين ته اسان کي جواب ملندو ۲۶۹ جو يوناني ليکڪن جي شاهدي موجب اشوڪ جي لکيت جو آهي.

هڪ ٻئي حساب موجب اسان کي ٻڌ جي نرواڻ جو سال ۴۸۷ ملي ٿو. سڪندر جي موت ڪانپوءِ ۽ بئبيلان جي پهرئين ورهاڱي واري عهدنامي جو عيسيٰ کان ۳۲۳ سال اڳ ٿيو. اِن ڪانپوءِ چندر گپت موريا راڄ گديءَ تي ويٺو. اَسان اَندازو لڳائي سگهون ٿا سو به سٺي نموني ته چندر گپت اِن ئي وقت ۳۴۲ سال عيسيٰ کان اڳ ۾ راڄ گدي سنڀالي. پراڻن ۾ آيل آهي ته چندر گپت ۲۴ سالن تائين راڄ ڪيو ۽ ۽ سندس پٽ بندوسار ۳۵ سال راڄ ڪيو. جيڪڏهن اَسين انهن جي راڄ جو وقت ڪٽ ڪنداسين ته پتو پوندو ته اَشوڪ عيسيٰ کان ۲۷۳ سال اڳ ۾ راڄ گدي سنڀالي. اشوڪ ۴ سالن کان پوءِ ٻڌ ڌرم ۾ داخل ٿيو آهي جو عيسيٰ کان ۲۶۹ سال اَڳ ۾ ۽ جو ئي ان ڳالهه سان ميل ٿو کائي ته سمراٽ اشوڪ کان پوءِ ۲۱۸ سال پوءِ ڌرم اَختيار ڪيو. اسان ۴۸۷ مان ۲۱۸ ڪٽيون ٿا ته اسان کي عيسيٰ کان ۲۶۹ پوءِ جو سال ملي ٿو.

انهن حالتن هيٺ قبول ڪرڻو پوندو ته ٻڌ جو موت عيسيٰ کان ۴۸۷ سال اڳ ۾ ٿيو ۽ جنم وري ۵۶۷ سال عيسيٰ کان اڳ ۾ جاتڪ ٻڌ جي اڳين جنمن جي باري ۾ ٻڌائين ٿا يعني ته ساڪيه گهراڻي ۾ جنم وٺڻ کان اڳ جنمن جي باري ۾ انهن چيل آهي ته مها مايا کي سپني ۾ هڪ اَڇو هاٿي جنهن کي

ڌرمي جيون گذارڻ پڻ سولو ڪونهي. جيستائين آءٌ ڇوڪرو هڪ ڪارن وارو نوجوان جو جيون جي اوچاين تي پهتل هوس. منهنجا نه چاهيندڙ ماءُ ۽ پيءُ ڳوڙهن سان ڀريل منهن سان روئي رهيا هئا. مون پنهنجا وار ۽ ڏاڙهي ڪوڙهي ۽ پيلا وستر ڌاري هڪ گهر کان ٻي گهر واري حياتي طرف وڌي ويس.

راجڪمار سڌارٿ آلرا ۽ اُدرڪا مهرشين جي پيرن ڀر ٿيو اِهو سڀ راجگرهه ۾ ٿيو. هُو اُنهن رشين کان خيالن جي سٿرتا ڪرڻ سکيو "نه سڃاڻ ۽ نه وري اَسڃاڻ" هتان هُو اروويلا ۾ نرنجن نديءَ جي ڪناري ويو ۽ اُتي ايترو تہ اَٽڪل ڇهن سالن تائين تن کي تپسيا ۽ مشق پڄائي جو صرف هڏن جو پڃرو ٿي گهٽجي ويو. ايترو ڏکُ سهڻ کانپوءِ بہ ڪيس گيان ڪونه مليو. اِن ڪانپوءِ هن پاڻ کي دنيوي سکن ۽ اِڇائن کان پري رکيو. خراب ويچارن کان پري رکڻ سان بہ هن کي ڪو گيان جي پراپتي ڪونه ٿي. هن پڻ کاڌو کائڻ شروع ڪيو هڪ ڏينهن هُو ڪنهن پپل جي وڻ هيٺان ويٺو هو ۽ هن هي قسم کنيو "مان هيءَ جڳهہ اوستائين ڪونه ڇڏيندس جيستائين ڪ مونکي من جي شانتي ڪونه ملي آهي جنهن لاءِ آءٌ هيترن سارن سالن کان ڀٽڪيو آهيان ۽ ڪوشش ورتي آهي. گهڻيون ئي تڪليفون ۽ رڪاوٽون هن جي رستي ۾ آيون. هن کي دم ۽ ڌڙڪا بہ خوب مليا ۽ لالچايو بہ خوب ويو پر هن هن پپل جي وڻ کي ڇڏڻ کان صفا نابري واري. پوءِ ٿيو بہ اِئين اِن ساڳئي پپل جي وڻ هيٺان ئي سڌارٿ کي گيان جي روشني ملي ۽ هن کي "ٻڌ" ڪري سڏاتو ويو يا "گياني" ڪري. اِهو سڀ تڏهن ٿيو جڏهن ٻڌ ٣٥ سالن جي ڄمار جو هيو.

ڊاڪٽر اُميش مترا اَنوسار جنم جي تاريخ عيسيٰ کان ٥٦٣ سال اَڳ ويساکي پورڻما آهي.

ٻار جو سڌارٿ سڏيو ويو تمام سٺي نموني پالي ڪري وڏو ڪيو ويو. سندس شادي ١٦ سالن جي ڄمار ۾ ڪئي وئي. سندس زال جا نالا گهڻائي هئا ۽ پڻ انهن نالن سان سڏي ويندي هئي. يشودرا، گوپا ٻمبا وغيره. ٢٩ سالن جي ڄمار ۾ سڌارٿ کي پٽ ڄائو جنهن جو نالو راهول رکيو ويو. سڌارٿ محسوس ڪيو ته هو هاڻي ٻنڌڻ ۾ جڪڙجي ويو.

ٻوڌي جن کي "چار وڏيون نشانيون" سڏيو ويو آهي جن ئي جوان سڌارٿ جي حياتيءَ تي گهرو اَثر ڪيو ائين چيو وڃي ٿو ته هڪ شام هن جو سارٿي چنا راجڪمار کي شهر ڏانهن وٺي ويو. رستي تي هڪ ٻڍي ماڻهوءَ کي ڏٺائين جنهن کي سندس ئي ماڻهن ڇڏي ڏنو هو. هن هڪ ٻيو ماڻهو ڏٺو جيڪو بيماريءَ جي تڪليف کان آزاريل هو ۽ چنا هن کي ٻڌايو ته هيءَ حالت هر اِنسان سان ٿيڻي آهي. اِن کانپوءِ هن هڪ مئل ماڻهو ڏٺو جنهن جي چوڌاري سندس مٽ مائٽ روئي رهيا هئا. چوٿين جا نشاني هئي سا هڪ سادو جي جنهن سنسار جو تياڳ ڪيو هو جو سچ جي ڳولها ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪي رهيو هو.

هن آزمودن اَڳ ئي سڌارٿ جي دماغ تي اَثر ڇڏيو هو ۽ جڏهن کيس پٽ ڄائو هو هن جلد ئي دنيا کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. هن پنهنجي زال ۽ سمهيل ٻار کي تياڳي ڪيو ۽ چنا سان نڪري ٻيو جو سندس سارٿي هو. مڄهيما نڪيا جي چوڻ موجب "منهنجي گيان جي روشني" ملڻ کان اَڳ جيستائين اَڃان ٻوڌ ستوا هوس مون سوچيو "گهر جي حياتي ڏٻيل آهي جتي ڀرپور مشق نٿي پچائي سگهجي ۽ شڌ ۽

کي پريم ۾ ٻوڙي پنهنجي سؤٽ نند کي گيان ڏنو ۽ ٻوڌلڳ بڻايو. نند جي باري ۾ ائين چيو ويندو آهي ته زوريءَ اُن جو مٿو ڪوڙهو ڪري ان کي ديکشت ڪيو ويو. سندس پتني انتظار ۾ رهي، هو وري واپس وڃي ڪو نه سگهيو. اشوگوش هن پرسنگ کي پنهنجي سوندرنند ڪاويه جو پنهنجو موضوع ٺاهيو آهي. موهن راڪيش وري هن پرسنگ کي کڻي "لهرن جو راجهنس" نالي وارو ناٽڪ لکيو.

ويشاليءَ جي رهاڪو امرپالي ۽ شراوستي جي دردانت داس انگلي مال کي ٻوڌلڳ ڪري، پنهنجي شخصيت جو دويه پرڀاءُ ڇڏيندڙ جي ڇاپ ڏني. ڀڪشو سنگهه، ڀڪشڻي سنگهه ۽ سنگهارام جي استاپنا ڪيائين ۽ گهڻن ئي ماڻهن جي ٻوڌلڳي حاصل ڪرڻ سان گڏ ڪيس ورود جو به جواب ڏيڻو پيو. سندس سؤٽ ديودت جو ورود ايترو ته شڪتيشالي هو جو ٻڌ ڌرم ۾ هوندي به، ڀڳوان ٻڌ جي هتيا لاءِ ٽي دفعا ڪوشش ڪيائين، پر هر دفعي منهن جي ڪائڻي پيئي. حقيقت ۾ هن مهاتما ٻڌ جي جڳهه والارڻ پئي چاهي.

جاتيءَ ڪانسواءِ ٻوڌي سنگهه: ٻڌ جي مکيه ششن ساريپتر (براهمڻ)، آنند (ٻڌ جو سؤٽ)، مُود گلياين (فڪر ڪندڙ ۽ ودوان)، اُپالي (ناپتي) سنتي (ڀنگي)، ٻمبسار (مگڌ جو راجا)، اجاتشرو (ٻمبسار جو پٽ)، جيوڪ (مشهور ويديه) ۽ پرسينجت (ڪوسل جو راجا) وغيره جا نالا اچن ٿا. ششيائن ۾ وري گوتمي (ماسي)، يشودرا (پتني)، نندا (گوتميءَ جي ڌيءَ)، کيما (ٻمبسار جي پتني) امراپالي (ويشاليءَ جي گڻڪا) ۽ وشاکا (انگ جي ٻد جي سريشٽ ڌيءَ) جا نالا مشهور آهن.

مهاپرياڻ: (استيڪو ۾ ويو) وتتي - مهاني ببارڻمتت جڏهن ڀڳوان ٻڌ ويشالي ۾ هو. اُتي ويلوگرام ۾ بيمار ٿي پيو.

سنٻوڌ ۽ ڌرم چڪر بدلاوُ:- راجڪمار سڌارٿ تپسا کان آرام ورتو. اُربيلا ۾ ئي سڄاتا وٽان ڏنل ڀوڄن کي سوِيڪار ڪيو. اهو ڏسي سندس ساٿ ٻين تپسوين ان ڳالهه ڪري پٺ ڀرِشٽ سمجهي سندس ساٿ ڇڏي ڏنو ۽ رمندا رهيا. سڌارٿ رشي پٽن کان ٽپندو گيا پهتو ۽ هتي جيئن ته ڇيو ويو آهي سنٻوڌي جي حاصلات ملي. ٻوڌي گيا ۾ برما، چين، جپان ٿبيٽ ۽ ٿائيلنڊ جون الڳ الڳ پنهنجي نموني جي ڪلائن ۾ جڙيل ٻوڌ مندر آهن. مها ٻوڌي مندر ۾ ٻڌ جي سون ۾ جڙيل مورتي آهي، جا ٻوڌين جو ڪشش ڪيندڙ آهي.

سنٻوڌي کان پوءِ راجڪمار نرنجن نديءَ ۾ سنان ڪيو. سڀ کان اڳ ۾ هن شودر ورگ جي تپسو ۽ ڀللي کي اُپديش ڏنو انهن پوئلڳن ساڻ ڪاشيءَ جي رشي پٽن (سارناٿ) ۾ راجڪمار سڌارٿ، ان پنجن تپسوين کي به گيان سمجهايو، جي هنجو ساٿ ڇڏي هليا ويا هئا. ٻڌي ساهتيه ۾ هن پرسنگ کي **ڌرم چڪر پريورتن** جي نالي سان يا قانون جو ڦيرو سڏيو ويو ۽ ياد ڪيو ويندو آهي.

گيان جي پراپتيءَ کانپوءِ ٻڌ اهو فيصلو ڪيو ته پنهنجي ساري عمر اِنسان ذات جي ڀلي لاءِ گذاريندو. ان ارٿپرتا جي سڄو وقت ٻڌ پنهنجي پوئلڳن ۽ ساراهيندڙن سان گڏ هميشه رٽن ڪندو رهندو هو. ٻڌ ديس جي الڳ الڳ هنڌن تي گهميو. **سنڪٽ نڪايه** ۾ "ڌرم چڪر پريورتن" مطلب تتا گت ٻڌ جي پهرين اُپديش جو ورنن ٿوري ۾ هن طرح آهي:-

"هن جو رٽن جاري رهيو. عام ماڻهن کانسواءِ انيڪ راجائون، سمراٽ به هن جي ڌرم ۾ داخل ٿيا ۽ گيان پاتائون. پنهنجي پيءُ جي راج ڪپلوستو پهتو. پنهنجي ماسي گوتمي، پتني يشوڌرا، پٽ راهول ۽ ٽازو شادي ڪيل ڀيڻي سندريءَ

اڄ اڪيلو ئي تپسيا ڪري ٻيو هي ٻار
آکيڙي ۾ وينل پکيءَ وانگر جڏهن برسات پوي ٿي

ٻڌ جون سکيائون: ٻڌ لڳاتار پنهنجي ڳالهائڻ سان ٻڌڻ سان، سمجهائڻ سان ۽ آکاڻين سان سکيائون ڏنيون. هن جو سکيا جو نمونو سڀ کان الڳ هو. شهر شهر گهميو. هن سان گڏ سندس پيارا پوئلڳ گڏ هوندا هئا ۽ ١٢٠٠ کن ارپڻ ڪيل ٻه پوئتان هوندا هئس. هو ٻئي ڏينهن لاءِ ڪونه سوچيندو هو ۽ مقامي ماڻهن وٽان جيڪو ملندو هوس ان مان راضي هو. گهڻو ڪري ڪنهن ڳوٺ جي ٻاهران ئي ترسندو هو ڪنهن باغ يا ۾ جهنگل خيما کوڙيندو هو يا وري ڪنهن ندي جي ڪناري تي منجهند ڪانپوءِ تپسيا لاءِ ۽ شام وري پرچن لاءِ.

هن جو وڏندڙ سوتر هئا "چار شاهاڻا سچ" جن جو اهو زور هوندو هو ته حياتي سورن سان ڀريل آهي، اِنهن کان مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجن اِڇائن کي ويجهو ڪونه اچڻ ڏجي.

(١) پهريون سچ آهي دک جي هستي "هت سڀ فاني آهي، دکن سان ڀريل آهي"

(٢) ٻيو سچ آهي "سورن جو سبب" اِڇا ئي سڀني شيطاني ڳالهين جي جڙ آهي. اِن ڪري اِن اِڇا کان رهت رهجي ٻڌ چيو.

اِندريون ۽ ماياوي شيون گڏ ملڻ سان واسنا جي باھ ٻرڪي ٿي، ترشنا، شين جي عيش ۽ اُسات جي باھ جي جپ وڌي ٿي. اِنهن جي چاهنا لاءِ اِنسان سپنن جي دنيا ۾ رهي ٿو. ۽ پنهنجو پاڻ کي نقلي روپ ۾ گهڙي ٿو ۽ اَهڙي دنيا گهڙي ٿو جيڪا سندس چوڌاري آهي.

(٣) ٽيون سچ آهي دک مٽان دک. اِڇائن کي ناس ڪرڻ

ملون جي شال وڻن ۾ ڀڪشن کي آخرين اُپديش ڏيئي ديهه تياڳيائين. اِها تاريخ عيسيٰ کان ۴۸۳ سال اڳ ۾ ويساکه جي پورڻما هئي.

ترقي پسائيندڙ ڌرمن جي پيشوا:- ٻڌ جي وقت جا، آجيوڪ ڌرم جو اُپائيندڙ مڪل گوشال، وردمان مهاوير جو دوست ۽ نالندا ۾ ڇهن سالن تائين ان جو همڪلاسي هو. ان جو پيءُ گوشالي ۾ پرتي هو ۽ اتي ئي سندس جنم ٿيو. تٿاگت گوتم جي ديهاوسان هڪ سال کانپوءِ اٽڪل عيسيٰ کان ۴۸۴ سال اڳ سندس به ديهاوسان ٿيو. مڪل گوشال گهٽ جاتيءَ جو هو ۽ پروجيه اپنايو هو. سندس اصولن جو پرچار اولهندي سوراشٽر کان وٺي انگه ديش تائين هو. اشوڪ ۽ موريه سمراٽ دشرٿ وغيره آجيوڪن لاءِ غفائون ٺهرايون. وقت پئي جهڙي طرح ٻڌ ڌرم ڀارت مان گم ٿي ويو، اهڙيءَ طرح آجيوڪ ڌرم به ذڪر جي ڪن هنڌن تائين محدود ٿي رهجي ويو.

ٻڌ جي مورتين جي باري ۾:- تٿاگت کانپوءِ اٽڪل ٦ سؤ سالن تائين سندس مورتيون ڪونه ٺهيون. گهڻو پوءِ مورتين ٺهڻ جو رواج چالو ٿيو.

تٿاگت ۸۰ سالن جي ڄمار ۾ مها نرواڻ حاصل ڪيو. تٿاگت جا پويان لفظ هئا "او آنند، تڏهن پنهنجو پاڻ ۾ جوت ٻارءِ. ڪنهن ٻاهرين سلامتي ڪونه ونجانءِ سچ کي چنبڙجان جو پڻ ڏيئو آهي. سچ لاءِ سلامتي ٿجانءِ، چاهي ڪجهه به ٿي پوي پاڻ کانسواءِ سلامتي لاءِ ٻئي ڪنهن لاءِ ڪونه نهارجانءِ" آنند ٻڌ جي لاءِ ورلاپ ڪندي هي چيو.

زمانــي پراڻي جـا ماڻهو آهــن هليا ويــا
نــوان ماڻهو مــون سان ٺهڪن ٿـي نــه لــا

واسنا، سڀ کان وڌيڪ جم طرف وٺي وڃي ٿي جا حياتيءَ جي زنجير جو ڦهلاءُ ڪري ٿي جنهن مان بنا ڪنهن مقصد جي ڏک پيدا ٿين ٿا. هن جي هڪ پوئلڳ صلاح ڏني ته تڪليفن کان مڪتي پائڻ لاءِ آپگهات ڪجي پر ٻڌ اِشارو ڪيو ته اهو ڪنهن ڪم جو ڪونهي. ڇو ته اپوتر روح وري جنم وٺڻ لاءِ ٻڌل آهي. جنهن جي چڪر جي ڦيٿي اِن رستي ڪونه ٽٽندي. جڏهن ٻڌ جي پوئلڳن کانئس پڇيو ته هو وڌيڪ صاف ڪري ٻڌائي ته سندس صحي نموني رهڻ جو ويچار ڪيئن آهي، ته ٻڌ اِنهن جي رهبريءَ لاءِ هيٺين پنجن سٺن قاعدن کي ٺاهيو.

١- ڪنهن جيو کي ماريو ڪونه
٢- جيڪو ڪجهه ڪيس ڏنل ڪونهي ڪونه وٺو.
٣- ڪوڙ ڪونه ڳالهايو.
٤- نشو ڪندڙ ٻاٽيون ڪونه واپرايو
٥- اَپوتر ڪونه ٿيو.

ٻڌ جي چوڻ موجب ”اِنسان کي ڪاوڙ مٿان وجيه پائڻ لاءِ مهربان ٿيڻ کپي، شيطاني مٿان سٺو، وجيه نفرت پالي ٿي، ڇو ته ڪٽندڙ ناخوش آهي، دنيا ۾ ڪڏهن به نفرت کي نفرت سان ناس ڪونه ڪيو ويو آهي پر نفرت کي پيار سان ناس ڪري سگهجي ٿو.“

ٻڌ هميشه عورتن جي حاضريءَ ۾ بي چئن هوندو هو. هو اِنهن کي ٻوڌي سنگهه ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ڪيٻائيندو هو، هيٺين ڳالهه ٻولهه جيڪا سندس پياري پوئلڳ آنند ۽ سندس وچ ۾ ٿي هن سڄي جي اوگهڙ ڪري ٿي.

”اسان پاڻ کي زالن جي حالت ۾ ڪيئن ٿا هلائي سگهون او ڀڳوان.“

سان ڏکن جي پڄاڻي آڻي سگهجي ٿي. جڏهن ڏک ختم ٿيا ٿين. تڏهن پورڻ روحاني خوشي آهي. جيون ۽ مرڻ جو چڪر ختم "ماڪ جو ڦڙو چمڪندڙ سمنڊ ۾ ترڪي وڃي ٿو"

(۴) چوٿون اهو سچ آهي ته روحاني خوشي کي پائڻ لاءِ ۽ اڇائن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪا راهه هئڻ ضروري آهي ۽ اهو سڀ اٺن رستن ذريعي ملي سگهبو ٿي. اهي ساڳيا ئي سنا چار سچ هيٺين لفظن ۾ سمجهايا هئا.

(۱) هاڻي هيءُ، او سنياسيو، سور لاءِ سنو سچ آهي. جنم سورن سان ڀريل آهي. بيماري سورن ڀري آهي، ٻڍاپو سورن ڀريو آهي، ڏک ورلاپ ڪرڻ، اتساهه نه هئڻ ۽ نااميدي سورن ڀريل آهن.

(۲) هاڻي هيءُ، او سنياسيو، سور لاءِ سنو سچ آهي، اڇا گهرڻ وري جنم وٺڻ طرف گهيلي وڃن ٿا. موج مزي ۽ شان شوڪت سان گڏ جتي ڪٿي خوشي حاصل ڪرڻ، جيئڻ ڪام واسنا جي گهري اڇا هستيءَ جي اڇا اهستيءَ جي اڇا،

(۳) هاڻي هيءُ او سنياسيو، سور لاءِ سنو سچ آهي، جو آهي ڏکن مان ڏک. ڏک جو ملڻ ٻنا ڪنهن ٻچت جي، اڇا لاءِ، تياڳڻ، ڇڏڻ لاءِ، مڪتي موهه ڪونه.

(۴) هاڻي، هيءُ، او سنياسيو، ان رستي جو سنو سچ آهي، جيڪو صحي راهه ڏانهن وٺي هلي ٿو. صحي ارادي ڏانهن صحي ڳالهائڻ، صحي رهڻ، صحي ڪوشش، صحي سوچڻ، صحي ڌيان ڏيڻ.

ٻڌ جي چوڻ موجب چئن مها ساگرن ۾ جيترو پاڻي آهي ان کان وڌيڪ ڳوڙها ڳڙي ويا آهن. هرڪا خوشي ٿورائي ڪري زهريلي بڻجي وڃي آهي. شيطاني جڙ اڇا جي ڪري ڪونهي پر خودغرضيءَ ۽ پنهنجي مطلب ڪري آهي. ڪام

ڀر ٻين جي شيوا ۾ جنهن ۾ پنهنجو ڪو به سوارٿ ڪونه هوندو هو کلندي جواب ۾ چوندو هو ته خود ايشور کي به انهن سوالن جي جوابن جي ڄاڻ ڪونهي.

هڪ وڻندڙ وارتا آهي جا ٻوڌي پوٿگه کـي هيٺين ڳالهين تي شڪ ڄاڻڻ ٿي آهي "ڪيڏانهن هاڻي هي چار وڏا ۽ مکيه تتو، ڌرتي، پاڻي، ۽ باهه ۽ هوا گم ٿي ويا ۽ پوئتان ڪو نشان به ڪونه ڇڏي ويا؟ هن کي چئن وڏن راجائن جي راڄن ڏانهن موڪليو ويو. هن ساڳيا ئي سوال راجائن جـي سامهون دهرايا. انهن وري هـن کي ساڪا وٽ موڪليو. ساڪا وري واپس يم ڀـڳوانن وٽ هـن کـي موڪليو. انهن وري پنهنجي راجا سيما وٽ هن کي موڪليو. جنهن وري هن کي تستما ڀڳوانن وٽ موڪليو جن وري هن کي پنهنجن راجا سنتوستيا وٽ موڪليو. جتان وري نمنتا رتي ديوتـائن وٽ مـوڪليو ويو ۽ انهين سنيمتا، پرنيمتا، وساوتي ڀـڳوان، راجا وساوتي ۽ برهمي دنيا جي ديوتائن وٽ. جڏهن هن ساڳيو سوال دهرايو برهما جي گڻن جي ديوتائن هن طرح جواب ڏنو. ڀائـو، اَسان کي ڪا به ڄاڻ ڪونهي پر برهما آهي جو مهان برهما آهي جو وڏو آهي، شڪتيوان، سڀ ڏسندڙ، راڄ ڪندڙ سڀ جو مالڪ نظر رکندڙ، خلقيندڙ، سڀني جو سردار... ڏينهن جو پراڻو، جو ڪجه آهي ۽ جو ڪجه اَچڻ وارو آهي. اِنهن سڀني جو پتا، هو وڌيڪ شڪتيوان آهي، اَسان کان وڌيڪ تيجسوي آهي. هن کي ڄاڻ هوندي." جڏهن هن ديوتائن کان پڇيو ته برهما ڪٿي هوندو. هنن جو جواب هميشه هو. "اسان ڄاڻڻ جـي چنتا ڪونه ڪيون ته برهما ڪٿي آهي نه وري برهما ڇو آهي، نه وري ڪڏهن پر ڀاڳ، جڏهن هن جي اچڻ جون نشانيون ظاهر ٿينديون آهن. جڏهن روشني اُڀرندي آهي، ۽ تيجه چمڪندو

"اِنهن طرف ڪونه نهارڻ سان،" آنند"

"پر جيڪڏهن اسان لاءِ نهارڻ ضروري ٿي ته پوءِ اسان کي ڇا ڪرڻ کپي؟"

"ڪونه ڳالهايو." آنند"

"پر جيڪڏهن اِنهن سان ڳالهائڻو پوي ته، اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟"

"گهڻو جاڳندا رهو، آنند."

ٻڌ جو ڌرم جي باري ۾ ويچار شڌ نيتيءَ وارو هيو. هو پوڄا جي پرواهه نه ڪندو هو ۽ نه وري سنسڪارن ۽ وڌين جي. هن جو زور سڄو وقت ويچارن تي هو. هڪ براهمڻ اِهو سوچيو ته هو پنهنجن ڏوهن کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ ۽ شڌ ڪرڻ لاءِ گيا ۾ سنان ڪندو. ۽ ٻڌ هن کي هيئن چيو: تون ڀل هت سنان ڪر، ۽ هتي ئي ڪر، او براهمڻ، هر ڪنهن جيو طرف مهربان ٿيءُ. جيڪڏهن تون ڪوڙ نه ڳالهائيندين، جيڪڏهن تون ڪنهن جي حياتي نه وٺندين. جيڪڏهن تون ڪجهه نه وٺندين جيڪو توکي ڏنل ڪونهي پنهنجو پاڻ کان ناڪاري ٿي رهه. پوءِ توکي گيا وڃڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ ڪهڙو به پاڻي تو لاءِ گيا آهي." ٻڌ پنهنجا ويچار ظاهر ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو ته سنسار کي ڪا شروعات هئي ۽ پڇاڙي به هوندي، يا روح ۽ جسم ساڳيا آهن يا ان کان الڳ آهي هن اَهڙن سوالن کي اَئين ڪري سمجهو ته. اِهي جنسي بيابان، ڪٺ پتلين جو ناچ، گهمائڻ ۽ اجايو سڄڻ ۾ ڦاسائڻ سمان آهي ۽ اَهڙين ڳالهين جي لاءِ سوچڻ به اجايو سمجهندو هو نتيجو اَجاين بحث ۽ دکن ۾ پورو ٿيندو هو ۽ نه ڪنهن سياڻپ ۽ امن ۾. ٻڌ جو ويچار هو ته راغب، خوشي ۽ ٻنا ڪنهن جيئڻ واري زندگي ايشور ۽ برهمانڊ جي ڄاڻ ۾ ڪونه ملندي

ٻڌ ڪي ورڻ واري سرشتي جي پرواهه ڪونه هئي. ڪنهن ڪي به ٻوڌي سنگهه ۾ داخلا لاءِ تيار هو. پنهنجي پوئلڳن کي هيٺيون تاڪيدون ڏنائين هر ڪنهن ملڪ، ديس ۾ وڃو ۽ هي پوتر پرچار ڪيو. اِنهن کي ٻڌايو ته غريب غربو ۽ ڪريل، شاهوڪار ۽ پڙهيل سڀ هڪ آهن ۽ سڀ ورڻ هن ڌرم ۾ گڏيل آهن جيئن سڀ نديون سمنڊ ۾ سمائجيون آهن.

ٻڌ جي فلاسافيءَ ۾ سرڳ کي ڪا جڳهه ڪونهي نه وري نرڪ يا دوزخ آهي. هن روح کي هر ڪنهن روپ ۾ اِنڪار ڪيو (Matter) معدي کي شڪتي آهي ۽ سڀ شيون ڇرن ٿيون. حياتي ڦيرو آهي. ٻي طرف ٻاق جا گم ٿي ويئي هجي. روح ڏند ڪٿا آهي. دماغ ڀوت آهي. جيڪو ڪجهه آهي اهو پنهنجو ڀاڱ ۾ انيو ۽ اندروني نظر آهي جنهن کان پوءِ يادگيرن ۽ خيالن ۾ ٿي وڃن ٿا.

ٻڌ صاف نموني نرواڻ جي باري ۾ پنهنجو سوچ ڪونه سمجهايو. ٻوڌي لکيتون ته اِهو لفظ ڪتب آڻينديون هيون جنهن ڪري خوشيءَ جي حالت جي خبر پوي. جا صرف پنهنجي سوارٿي خواهشن کي صاف ناس ڪرڻ سان ملندي آهي. هرهڪ کي وري جنم کان مڪتي. هر ڪنهن جا ڳڙتا جو وناس ۽ هر ڪنهن جو ايشور سان ميلاپ ۽ مرڻ کان پوءِ خوشيءَ جو سرڳ. ٻڌ جي سکيائن ۾ اِئين ٿو لڳي ته هرهڪ جي الڳ الڳ خواهشن جي انت جو مطلب ۽ وري جنم کان ڇوٽڪارو. نرواڻ جو مطلب ۽ سبب آهي پنهنجي سوارٿي خواهشن جو صفا گم ٿيڻ آهي. نرواڻ هڪ بنا سور جي شانتي آهي جا پنهنجي (Moral) ناس لاءِ اِنعام ملي ٿو ٻڌ جي چوڻ موجب ”هاڻي هيءُ سٺو سچ آهي جو آهي سور جو لهي وڃڻ. حقيقت ۾ لهي وڃڻ جو وري لهي وڃڻ ڪونه ٿئي.

آهي. تڏهن هو ظاهر ٿيندو آهي، ڇو ته اِهو ئي ٻرهما جي ظاهر ٿيڻ جو طريقو آهي، جڏهن روشني ٿيندي آهي ۽ تيجھ چمڪندو آهي."

جڏهن ساڳيو ئي سوال ٻرهما کي دهرايو ويو. هن اِئين جواب ڏنو "ياءُ، مان مهان ٻرهما آهيان، اوچو شڪتيشالي. سڀ کي پسندڙ، راڄ ڪندڙ، سڀ جو مالڪ، نظر رکندڙ، خلقيندڙ سڀني جو سردار، سڀني کي سندن جڳهه ڏيندڙ، ڏينهن جو پراڻو، جو ڪجهه آهي ۽ جو ڪجهه اچڻ وارو آهي. اِنهن جو پتا. جيئن ته جواب هن کي خوش ڪري نه سگهيو، هن وري ساڳيو سوال ٽي دفعا دهرايو. جڏهن اِهو ٿيو ٻرهما هن کي هڪ پاسي وٺي ويو ۽ اِئين چيو "هي ٻرهما جي گڻن جا ديوتائون، ياءُ مونکي ائين ڄاڻي بيٺا آهن جو ڪجهه ٻه ڪونهي جو مان ڏسي نٿو سگهان، ڪجهه ٻه نه جو مان ڪونه سمجهيو آهي. ڪجهه ٻه نه جو مون محسوس نه ڪيو هجي اِن ڪري مان هنن جي حاضريءَ ۾ جواب نه ٿو ڏيان. مون کي ڄاڻ ڪانهي ياءُ، اِهي چار وڏا تتو ڌرتي، پاڻي، باهه ۽ هوا ڪٿي بند ٿي ويا ۽ ڪو نشان ٻه ڪونه ڇڏيو اٿن.

ٻڌ کي پڪ هئي ڪو ٻه مٿين سوالن جا جواب نه ڏيئي سگهندو. جڏهن ٻه هن کي ڪو ٻڌائيندو هو ته ڪي ٻرهمڻ حق ٿا رکن ته هو اِنهن ڳالهين جي باري ۾ سچ ٿا ڄاڻن هن جو جواب هنن لفظن ۾ هيو: ياءُرو، ڪي ٻراهمڻ ۽ بيراڳي جيڪي ايل مڇيءَ وانگر پيا هيڏي هوڏي ڦٽڪندا آهن ۽ جڏهن ڪائن کو سوال پڇيو ويندو آهي جو هنن لئي هوندو آهي يا هن لئي ته هو ايل مڇيءَ وانگر ڦٽڪڻ بدران اجايا سجايا جواب ڏيندا آهن. هن ٻرهمڻن کي ڌتاريو جي ڪوڙو شان رکي وينا هئا ته اِنهن کي ڄاڻ آهي.

ٻڌ جو حساب: وِل ڊرانت موجب ٻڌ هڪ پڪو اصولن وارو انسان هو. اختياريءَ وارو، مغرور پر سٺي سڀاءَ وارو ۽ ڳالهائڻ وارو؛ بيحد پر اُپڪاري هن "روشني" جو حق ڇڪيو پر نہ اتساهت جو. هن ڪڏهن بہ ائين ڀانئو ڪونہ ڪيو تہ ڀڳوان هن پاران ڳالهائي ٿو. ان جي اُبتڙ هو ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ صبر وارو ۽ خيال رکندڙ هو جي اِنسان ذات جا وڏا اُستاد ٿي گذريا آهن.

هن جي پوئلڳن هن کي هيٺيون شردانجليون ڏنيون "هن تلوار ۽ ڀال کي پاسيرو رکيو آهي. گندي وهنوار کان شرمسار آهي. رحم سان ڀريل آهي. هي ٽرپت رهندو آهي ۽ سڀ جيون طرفان مهربان آهن جن کي جيون آهي. بدناميءَ کي پري رکي گوتم پاڻ کي بدناميءَ کان مٿي سمجهندو آهي. اِئين هو ٻين کي اُهي جيڪي پاڻ ۾ وڙهيل آهن ٻڌي گڏ ڪري رهندو آهي. جيڪي دوست آهن اِنهن کي همٿائيندڙ آهي، شانتي رکندڙ، امن جو اُپاسڪ صلح لاءِ ٽڙندڙ اِنهن لفظن جو ڳالهائيندڙ جيڪي صلح جو سنديش ڏين ٿا.

ڪرسٽ ۽ لائوٽزي وانگر ٻڌ برائيءَ جو جواب سٺائيءَ ۾ ڏيڻ پسند ڪندو هو نفرت لاءِ پيار غلط فهميءَ لاءِ شانت رهندو هو ۽ گارين لاءِ پڻ "جيڪڏهن ڪو ماڻهو بيوقوفي وچان مونکي نقصان ٿو رسائي مان اِن جي عيوض کيس اهو پيار ڏيندس جنهن ۾ ساڙ ۽ وير نہ هوندو. جيترو بہ هن طرفان برايون ملنديون موٽ ۾ آءٌ کيس سٺايون ئي ڏيندس. هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي هڪ ماڻهو ٻڌ کي گاريون ڏنيون پر موٽ ۾ کيس ڪوبہ جواب ڪونہ مليو. جڏهن هن بس ڪيو ٻڌ هن کان هيٺيون سوال پڇيو: "پٽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو

چونڪارو ٻڌڻ کان چونڪارو، ۽ وڏيڪ نہ رکڻ ۽ اڄ لاھڻ
جي اڇا۔

ٻڌ جي سکيائن جي اصل سبب آهي ڪرم جو قائدو۔
جنھن مان ڇوٽڪارو پائڻ مشڪل آهي. ڪو بہ اِن کي پاسيرو
رکي نہ سگھندو ۽ سندس ٿيڻ کي روڪي سگھي ٿو۔

نہ غصو ڪري ٿو، نہ معاف ڪري ٿو اھو سچو سچ،
ھن جون ماپون، سندس ٻنا ڪوٽ واري وزن سان ميل کائين ٿيون
وقت جڻ ڪونھن سچائي اِھو اِنصاف ڪندو
يا گھٽڻ ڏينھن کان پوءِ

اھو چوڻ غلط آهي تہ ٻڌ عام ماڻھن جي دنيوي شوقن
کي نظر انداز ڪيو ھيئين صلاح ڇون ٿا تہ ٻڌ پاڻ ڏني آهي:

سچائي ۽ سٺي وھنوار وارو ماڻھو
ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي باھ وانگر چمڪي ٿو
ماڪيءَ جي مک وانگر پئسا ناھي ٿو
جيڪا گل کي بہ ايذاءُ نہ ڏيندي آهي
اھڙو ماڻھو پنھنجو ٻنيو (دڙو) ناھي ٿو
ھڪ ماڪوڙين جي دڙي وانگر، ڏيري ڏيري
ماڻھو ائين شاھوڪار ٿيڻ سان
پنھنجي ڪرم کي مدد ڪري سگھي ٿو
۽ پنھنجن دوستن کي پختو ٻنڌڻ ۾ ٻڌي سگھي ٿو
پاڻ سان، ھن کي پنھنجي ملڪيت
چئن ڀاڱن ۾ ورھائڻ کپي
ھڪ تي (پنھنجو گذران ڪرڻ گھرجي)
ٻن سان پنھنجو واپار وڌائي
۽ چوٿين کي بچائڻ گھرجي
جيئن مينھن وسندي ڪم اچي

هو. هو ڪلنڪ کان دور ڀڄندو هو. هن جو چوڻ هو ”جيڪو نہ ٿو ڪري، جڏهن ڪيس ڀرپور گاريون ملن ٿيون، ۽ وري گاريون ملن ٿيون. هن کي ٻئي جيت ملي ٿي“ ”وري“ گار جنهن جو جواب ڪونہ ڏنو ويو اِن ڪاڏي سمان آهي جنهن کي مهمان واپس ڪيو ڪيس ساڳي حالت ۾ ڪري ڇڏيو.

ٻڌ بحث ڪرڻ ۾ مهان هو ۽ هميشہ سامهون واري کي لاجواب ڪري ڇڏيندو هو جو پيو پنهنجو ٻچاءُ ڳولهيندو هو هن کي هارائڻ ڏاڍو مشڪل هو. سندس ئي لفظن ۾ ”ڪنهن سان بہ واد وواد ۾ پيل ڪو بہ هجي. اها ڳالهہ اڻ ٿيڻي آهي تہ مونکي ڪو منجهائي سگهندو يا مان گهٻرائجي ويندس ۽ جيئن تہ آءٌ اهڙو ٿيڻ چاهيان ئي ڪونہ. اِن ڪري آءٌ شانت بہ رهندو آهيان ۽ آتم وشواس سان رهندو آهيان.“

سونادنڊا، ٻڌ جي زماني جو هڪ برهمڻ ٻڌ لاءِ هيٺيون شرڌانجليون پيش ڪيون:-

”سچ تہ سائينءَ، مانيور گوتم ٻنهي پاسن تي سنڌو جنم ورتو اٿس. شڌ سنڌو ۽ وري جمڻ مرڻ جي چڪر کان مڪتي طرف لاڙو.

”هو ڌرمي حياتي طرف اڳتي وڌيو آهي جنهن لاءِ هن سڀ ڪجهہ تياڳيو، ڪيو راج پات، ڪڙم، پئسو، سون ۽ مٽيا ۽ خزانو.“

”هو ناهوڪو آهي، نهارڻ سان آنند اچي، اُتساهہ ڏيندڙ جنهن کي چمڙيءَ جي وڏي سونهن عطا ٿيل آهي، رنگ جو گورو، حاضريءَ ۾، عمدو، راڄ گهراڻي جو لڳندڙ.

”سندس آواز وڻندڙ آهي، چوڻ جو نمونو بہ وڻندڙ اٿس نرمائيءَ سان ڪيڪاريندڙ، هوشيار ۽ نهٺو ۽ جيڪو ڪجهہ هٿ هيٺ هوندو آهي ظاهر ڪندو آهي.

کا سوکڙي وٺڻ کان انڪار ڪري ته اها سوکڙي ڪنهن جي ٿي؟" ان ماڻهوءَ هيئن جواب ڏنو "ان جي ٿي جنهن آڇي هئي." ٻڌ هيئن جواب ڏنو: "منهنجا پٽ، آءٌ تنهنجون ڏاريون وٺڻ کان انڪار ٿو ڪريان ۽ اهو عرض ٿو ڪريان ته اهي پاڻ وٽ رکه."

اولڊينبرگ جي چوڻ موجب "انهن ڏينهن ۾ جڏهن هن جي عزت حد درجي جي اوچائين تي هئي ۽ سندس نالو ڀارت جي بين مشهور ۽ ناميارن ۾ ڳڻيو ويندو هو. ڪوبه ان ماڻهوءَ کي ڏينهون پوءِ ڏينهن ڏسي سگهيو ٿي جنهن جي اڳيان راجائن پاڻ کي جهڪايو پئي. هيڏانهن هوڏانهن ڳهمنڊ بيکه پنندڙ، هٿ ۾ ونو. گهٽين جي آرپار، گهر گهر ۽ بنا ڪنهن عرض چوڻ جي نظر جهڪيل. اوستائين شانت چت سان ترسيل جيستائين ڪ سندس ونيءَ ۾ ڪاڏو ڪونه ڦٽو ڪيو ويو آهي، اهو ٻڌ جي وڏي ۾ عزلي ٿو ڏيکاري، ٻڌ کي ونڊڻ ڪونه وڻندو هو. چوندو هو "اهو آهي چاڪاڻ ته مونکي انهن ڳجهن چمتڪارن جي استعمال ڪرڻ ۾ خطرو نظر ٿو اچي نوڙي آءٌ چاهيندو آهيان ته گهرڻا ڪريان ۽ مون کي خاطري آهي." سڀ لاءِ تمام گهٽي چنتا ڪندڙ ۽ چاهيندو هو ته ڪيس ٻيا پوئلڳ به پوئواڙي ڪن، هو ان ڳالهه جي چنتا ڪندو هو. "انهن سڀني ڳالهين کان پري رهجي ڳالهيون جيڪي پرشت آهن. جيڪي وري جنم وٺڻ لاءِ مجبور ڪن، جيڪي دکه آڻين. جن جو نتيجو بيماري آهي. وري جنم مرڻ جو چڪر. ڏيرائپ ۽ ايندڙ وقت ۾ موت. اهي ڳالهيون جيڪي شڌتائي آڻن وڌڻ ڪن. جنهن سان اندر ۾ ليئو پائڻ جو گهٽو ۽ جهڳهو وجهه ملي، هتي به ڏيان ڏئي سگهجي ۽ هاڻي به ٻڌ پنهنجي شاگردن وٽان پنهنجي ساراهه ٻڌڻ لاءِ آتو هوندو

جي ڀڪشن ڪڇ، اهڙيون اڻ سونهندڙ ڳالهيون اپنايون هيون جي ونيه پٽاڪا جي قاعدن جي ابتڙ هيون. اها ويڌن ان ٻوڌي سڀا جي سامهون رکي ويئي. پر وئشالي جي اِنهن سنياسن پنهنجن خيالن کي ڦيرڻ کان اِنڪار ڪيو. نتيجو اِهو نڪتو جو ٻوڌي مڙهي ۾ هڪ وڏو ڌرمي ڏار اچي ويو. پراڻن خيالن وارن کي سٿاوراس سڏيو ويو ۽ ڦيرو آڻيندڙ کي وري مها سنگهڪ سڏيو ويو.

ٽين ٻوڌي سڀا وري پاٽليپترا ۾ راجا اشوڪ جي راڄ ۾ سڏائي ويئي. سيلان جي جهونن لکيتن مان اها سڀا ٻڌ ڪانپوء ٢٣٦ سال ۾ سڏائي ويئي. جنهن جو سڀاپتي هو موگالپتا تسا هن سڀا ٻوڌي قاعدن کي نئون درجو ڏنو جو ان ۾ هڪ ٽيون ٻه پٽاڪا اڀيڌما جوڙي ڇڏيائون. جنهن اڳ ۾ وارن ٻن پٽاڪام جيڪي ٻه فيلسوفي جون ڳالهيون هيون اِنهن جون سمجهاڻيون هيون. ڌرمي قاعدن جي ساهتيه کي پڪي طرح "اِختياري" مقرر ڪيو ويو. جنهن جي سامهون ڪي وري نيون ڳالهيون اُپرنديون ته اِنهن کي ناس ڪيو ويندو ۽ اِنهن سيني کي سزاياب ٺيٺو پوندو.

چوٿين ۽ آخرين ٻوڌي سڀا ڪشمير يا جلندر ۾ سڏائي ويئي جنهنجا مکيه اڳوان هئا واشومترا ۽ اشوگهوش، سمراٽ ڪنشڪا جي راڄ ۾ سڏائي ويئي. سڀا ڪن منجهيل سوالن کي سلجهايو. جيڪي سروا ستيوادا استادن جيڪي گندرا ۽ ڪشمير جا هئا اِنهن اُٿاريا هئا جو اِنهن جي خيالن ۾ متڀيد اُڀريو هو. ٽي وڏيون آلوچنائون تيار ڪيون ويون جي پٽاڪائن تي هيون ۽ جن کي ويڀاشا سڏيو ويو.

مها يانه ڪنشڪا جي وقت ۾ هڪ ٻوڌيء ڌرم جو نئون نمونو جنهن کي مهايانه تي سڏيو ويو مکيه تي وجود ۾ آيو.

”ھو گھڻن جي اُستادن جو اُستاد آھي، جنھن ٻـرھمڻن جاتي سامھون پنھنجي چڱن ڪمن ڪرڻ جو حق رکيو“

”جنھن لاءِ ملڪ جي آرپار سڌو اِيندا آھن. پريان پريان اِيندا آھن ۽ سوال رکندا آھن، ھـو سڀني جـي آجيان ڪندو آھي، ھمدرد آھي. رلندو ملندو آھـي، سماڌان ڪندو آھـي، ڪنھن ڪان گھرڻـا، نفرت ڪونہ ڪري. سڀني سان ٺھڪندڙ ڳالھائڻ ۾ پوئتي ڪونہ پوي“

”وري جتي ڪن سمن ۽ برھمڻ نالو حاصل ڪيو آھي. ۽ سڀني قسمن جي ظاھري ڳالھين (جيئن ڪپڙن جو ورتائـڻ وغيرہ) ڪري. ھـن جـو سمان وھنوار ۾ پرپورڻتا ۽ حـق ۾ پورڻتا“

”وشواس جوڳو، عزتدار، مـگڌ جي راجا سينيا ٻمبسارا ڪوسلا راجا پسيندي، برھمڻن جي اَڳوانن جن مان مـکيہ آھي پوڪـاراسدي، سندس ٻار ۽ سندس زالون، سندس مـاڻھو، سندس درٻاري يا گھرا.

ٻڌ جي ترقي ٻڌ جي مھا نرواڻ ڪان ڪجھہ ھفتا پوءِ عيسيٰ ڪان اٽڪل ٤٨٧ سال اڳہ راج گرھہ ۾ پھرين ٻوڌي سڀا سڏائي. ٻڌ جا پروچن ڪٺا ڪيا ويا اِنھن تي ويچار پوروڪ سمالوچنا ڪئي وئي. درجا ڏنا ويا ۽ اِختياري ڏيندڙ قاعدا اَلـڳہ اَلـڳہ سنـگھن جي ٥٠٠ ڀـکشن جي سڀا منظوري ڏني. ٻڌ جون سـکيائون ٻـن ڀاڱن ۾ ورھايون ويئون جـن کـي ونيہ پٽاڪا ۽ ڌمـاپٽاڪا سڏيو ويو. ان ٻوڌي سڀا جـو سڀاپتي مھاڪساپا ھو. اُپالي ۽ آنند اِنھن ٻنھي ونيہ پٽاڪا ۽ ڌماپٽاڪا تي اِختياري ٿاپيا ويا.

سنہ عيسيٰ ڪان اَٽڪل ٣٨٧ اَڳہ ٻڌ جي مھا نرواڻ ڪـان ١٠٠ سال پوءِ وري ٻي ٻـوڌي سڀا سڏائي وئي. ويشالـي

مکتيءَ جو مقصد هو. جتي هنيانہ ۾ ”پنهنجو ڇرپتر ۽ سنا
کم“ ٿي مکتيءَ لاءِ فقط رستو ٿي ٻڌايو مهايانہ ان ڳالهہ تي
زور ٿي ڏنو تہ الڳہ الڳہ ٻڌن ۽ ٻڌ ستوا جي وشواس تي
وڌيڪ ۽ وڌيڪ آڌار پئي وڌو. جتي هنيانہ پالي ساهتيہ جو
استعمال ٿي ڪيو اتي سنسڪرت کي مهايانہ جي ٻولي ڪري
اختيار ڪيو ويو. ٻنهي مهايانہ ۽ هنيانہ ۾ طبعي طور
بہ فرق هئا جي ٿي اڳوپوءِ ڌرمي جيون جو مقصد ٻڌ جو
اصلي سياءُ وغيرہ هئا. ڪنشڪا جي وقت جو ناگارجن مهايانہ
جو وڏو قدردان هو. مهايانہ ٿي وچ ايشيا ۾ ڦهليو ۽ دنيا
جي ٻين ڀاڱن ۾ پکڙجي ويو. هنيانہ صرف ڀارت تائين ئي
محدود رهيو.

ٻڌ ڌرم جي ڦهلاو جا سبب: ٻڌ ڌرم ڀارت جي
هڪ ڪنڊ ۾ پيدا ٿيو نہ صرف ڀارت ۾ ڦهليو پر پنهنجو رستو
سيلان (سري لنڪا)، برما، ٿبيٽ، جاوا، سماترا، بورنيو،
چمنا، چين، جاپان، سيام ۽ وچ ايشيا طرف بہ ٺاهيو. ٻڌ ڌرم
جو اهڙو الڳہ نموني وارو ڦهلاو گهڻن ئي سببن ڪري ٿيو.

(١) ٻڌ ڌرم جي سکيائن جو سادو
نمونو. ٻڌ جي حياتيءَ جي فيلسوفي سادو سودو نمونو هو جن
۾ نہ پوڄارين جي ضرورت هئي ۽ نہ وري پئسي خرچ جي.
سڀ ڀانيو اهڙي سادي طريقي ۾ ڀانيو هو جو حد کان
وڌيڪ بيوقوف ۽ بد دماغ سولائيءَ سان سمجهي ٿي سگهيو.
ٻڌ جي ٻولڳن کي اهڙن سوالن جي چنتا ڪرڻ جي ضرورت
ڪونہ پيئي پئي. جيڪي تتو گيان سان سنبنڌ رکندڙ هئا.
انهن جي دماغ ۾ مونجهہ پيدا ڪرڻ جا سبب ڪجھ ڪونہ هئا.
نتيجو اهو نڪتو تہ ماڻهو جيڪي برهمڻن جي منجهيل وڌين
کان تنگ اچي چڪا هئا ٻڌ ڌرم کي آجيان ڏني.

هي پراڻي نموني هنايانا کان الڳ هو. ٽوڙي مهايانا نالو ڪنشڪا جي راڄ ۾ پهريون دفعو ملي ٿو پر سندس اصليت خود ٻڌ جي سکيائن ۾ نظر اچن ٿيون. خود ٻڌ جي چوڻ موجب سنسار ۾ ٣ رستا يا ٣ واهڻ آهن جن جي ذريعي نرواڻ حاصل ڪري سگهجي ٿو. ڪي اهي ۽ هئا جي جيترو جلد ٿي سگهي پنهنجو پاڻ لئي نرواڻ ٿي حاصل ڪرڻ چاهن پيا ٻيا ڪنهن ٻئي جي غرض جي. انهن ڪي اهو مقصد حاصل ٿي ٿي سگهيو جڏهن ارهت واهڻ طرف ڌيان ڏنو ٿي ويو. ان واهڻ جو نالو هو ارهت يانه يا ارهشيو واهڻ. وري ٻئي درجي جا ماڻهو اهي هئا جي مکتي پنهنجو پاڻ حاصل ڪري ٿي سگهيا پر ساڳئي وقت ٻين جي ڀلي لاءِ ڪم ڪرڻ ٿي چاهيو. اهي پنهنجي منزل کي پرتيڪا ٻڌيانه ذريعي پهچي ٿي سگهيا. ٣ درجي وارا وري اهي انسان هئا جي پنهنجي نرواڻ يا مکتيءَ جي قرباني ڪري ٻين جو ڀلو ۽ مدد نه ڪن پيا پر پنهنجي سڄي حياتي ان ڪم لاءِ ارپڻ ڪرڻ ٿي چاهي. اهي ٿي ٻڌيانه جا يا ٻڌ جي واهن سان لاڳاپو رکندڙ هئا. مهايانه جا پوئلڳ ٽئين درجي جا چيا وڃن ٿا.

مهايانه ۽ هنيانه کان گهڻن ٿي نمونن ۾ الڳ هئا. مهايانه ۾ وشواس رکندڙن ان وشواس کي پيش ڪيو جو وشواس ٻوڌ ستوا هو يا اهي جن کي اڃان ٻوڌ پڻو ڪونه مليو هو پر راهه ۾ هئا. گهڻن ٻوڌيستيون پوئلڳن جن وشواس ۽ لاڳاپي جو حق پئي رکيو. ٻڌ کي ديوتا ٺاهيو ويو. ٻڌ جي ٻوتن جي پوڄا شروع ڪئي ويئي جن ۾ وستار ۾ وڌيون هيون منتر هئا ۽ نيم هئا. اهي سڀ ڳالهيون هنيانه ۾ ڪونه هيون جو سرشتو سادي نموني جو هيو. هنيانه هرڪنهن جي الڳ مکتيءَ کي مقصد پئي سمجهيو. مهايانه وري سڀني جي

جي بمبسار ۽ اجات شترو سان لاڳاپو رکندڙ ملي ٿـو. ڊاڪٽر ڪينٿ سانڊرس موجب جڏهن حد کان وڌيڪ ايمانداري ۽ وشو لاءِ مهرباني ٻـئي هڪ ٻئي سان هڪ اَهڙي چريتر ۾ مليل آهن. اِنسان مهما ڳائڻ ۽ پوڄا ڪرڻ کان سواءِ رهـــي نہ ٿـو سـگهي. هي اِهوئي آهي جيڪو ئي مـکيہ ڪارڻ آهـي ٻـڌ مت جـو مشهور ٿيڻ ۽ ڪامياب ٿيڻ، ۽ ڪم جـي چستي ۾ راس ٿيڻ. ڪو سوچي بہ نہ سـگهندو تہ ڪو ننڍڙو نمونو جنهن ڦهريون ٻرهمڻ ٻدلاو کي جيتيو. "سڀني چيزن کي ڪو سبب آهي" هي ئي ڪافي پيڙهہ آهي. اَهڙي سنسار کي جيتيندڙ ڌرم لاءِ ان هڪڙي جي نرملتا جنهن ٽپ ۽ اند وشواس جـي ٻانهپ کان مڪتيءَ جي راهہ لڌي. ۽ اِهـو جنهن نيتن جـي شاندار شرستي جي پيڙهہ ڏني. اهو خيال ئي ماڻهن جي دل ۽ دمـاغ مٿان جـــادوءَ جو اثر ڪيو ۽ ڪروڙـــا جنهن ڪنهن پرچارڪ مان ٻاهر ڪڍي مـوڪليو لنبي ۽ سخت جيون جـي وقت ۾ اِنسانن کي هڪ دويہ پيار جي مورت ڏني"

(٦) ٻوڌي سنـگهہ پڻ ٻڌ مت کي وڌائڻ ۾ مددگار رهيو. ويراڳي ۽ ويراڳڻيون ٻنهي پنهنجن ڪوشش ٻڌ ڌرم کي ڦهلايو اِنهن کي زندگيءَ ۾ صرف هڪڙو ئي مقصد هو اهو هو وشواس جو پرچار ۽ ڦهلاءُ اِنهن صبوح کان وٺـي رات تائين ڪم ڪيو ٻڌ جي اصولن جو پرچار جو فقط اڪيلو ئي سندن جيون جـو مقصد هو. اِنهن کي ڪٽنب طرفان ڪي چنتائون ڪونہ هيون پئسي جي چنتا ڪونہ هئي. جڏهن بہ ڪين ٻـکہ پئي ستايو تہ ٻـکشا وٺي پئي سـگهيا. ۽ ٻـاقي وقت پنهنجي وشواس کـي پئي ڏنو. ٻڌ ٻـکشن ۽ ٻـکشاڻين کي هيٺين صلاح ڏني. "وڃو توهان ٻـکشو گڻ ٻين جي ڀلي لاءِ پنڌڪو. گهڻن جـي ڀلائـيءَ لاءِ گهمو ڦرو. سنسار جي ڪروڙا کان ٻاهر نڪرو. توهان مـان

(٢) نه فقط ٻڌ جي فيلسوفي سادي هئي پر سندس ٻولي جا هو ڪتب آڻيندو هو. سادي هئي ۽ عام اِن کان واقف هئا هو پنهنجون تقريرون پالي ٻوليءَ ۾ ڏيندو هو. جا عام ماڻهو سمجهي سگهندا هئا. اهو اِنهن لاءِ جڻ ڇوٽڪارو هو. جيڪي ويدن جي سنسڪرت کي ڏکيو سمجهندا هئا.

(٣) ٻڌ ڌرم ڪنهن به ذات پات کي ڪونه مڃيندو هو. سڀني مَتن کي هن ڌرم ۾ آجيان هئي. نه صرف اهو پر سڀني کي هڪڙو ئي درجو هو. ٻوڌي اِنسان جي گهٽتائي کي ڪونه مڃيندا هئا صرف زندگي سندس چريتروان هئڻ کپي. اِن فيلسوفيءَ کي سودرن آجيان ڏني هوندي ۽ وئشن پڻ جيڪي برهمڻن جي مغروري ۽ داداگيريءَ کان تنگ اَچي ويا هوندا.

(٤) هندو ڌرم کي مڃڻ برهمڻن تمام مهانگو ڪري ڇڏيو هو. ڪنهن وڌيءَ يا وڌيڪ جوڙيل وڌيءَ لاءِ ڪافي ڌن جي ضرورت ٿي پيئي ڇو ته اِنسان جي سڄي حياتيءَ ۾ اَهڙيون گهڻيون ئي وڌيون پڻ آيون. ٻڌ جي سکيائن ۾ ڪنهن به ڌن خرچڻ جي ضرورت ڪونه هئي. ڪوبه مڪتيءَ کي صرف جيون کي قاعدي سان هلائڻ سان حاصل ڪري ٿي سگهيو. ڪنهن به وچ واري يا پوڄاريءَ جي ضرورت ڪونه پئي ٿي. ظاهر هو ته ٻڌ ڌرم سستو هو. اَچرج ناهين ته عام اِن کي آجيان ڪيو.

(٥) ٻڌ جي شخصيت پڻ ٻڌ مت کي اَڳتي ڪرڻ لاءِ هٿي هئي. حياتيءَ ڀر ڏور ڏور تائين سفر ۽ ياترائون ڪيون. صرف چوماسي کي ڇڏي باقي سڄو وقت هلاهلان ٿي هيو. ياترائون ڪندي، پنهنجي سکيائن کي عام تائين پهچايو. ڪيس چقمقي شخصيت هئي. اِنڪري گهڻن ئي ماڻهن کي ٻڌ ڌرم ۾ آڻي سگهيو. اِن جي باري ۾ آسانڪي هڪڙو حوالو مگڌ

پنهنجي حدن اندر.

(٨) ٿهلاو ۾ ٻڌ مت کي ڪي گهڻيرا دشمن سامهون ڪونه هئا. جي وڏا ڌرمي پرچارڪ ڌرم، ڪرشچنٽي ۽ اسلام اچان اچڻ وارا هئا. دشمن جي نه هجڻ ڪري ٻڌ ڌرم جو ٿهلاو سولي نموني ٿيو.

(٩) ٻڌ مت جي ڪاميابيءَ جو هڪ ٻيو سبب سندس لائقي. ٻڌ پاڻ ٻوڌي سنگهن کي اختياري ڏني هئي ته هو پنهنجو پاڻ مکيه فيصلا ڪڍي سگهن ٿا جيستائينڪ نندين ڌرمي اپديشن جو لاڳاپو هو. پوءِ ته ٻڌ مت ۾ گهڻي ئي ڦير گهير ڪئي ويئي جيئن نون وقتن ۽ نون ملڪن سان ٺهڪي اچن جو مهايانه جي وڌڻ مان ثابت ٿيو آهي. ائين ڪوبه ٻوڌي فقط اڪيلي ٻڌ تي وشواس رکي سگهي ٿو يا ٻوڌي ستون تي. هو ڪجهه به ٿي سگهي ٿو بت پوڄيندڙ يا ماس کائيندڙ ۽ نه به ٻوڌي ٿي رهڻ پسند ڪري ٿو.

ٻڌ مت جي گهٽجڻ ۽ ڪرڻ جا سبب: پنهنجي ئي جنم ڀوميءَ ۾ ٻڌ ڌرم جي ڌيري ڌيري گهٽجڻ ۽ ڪرڻ جا گهڻائي سبب جوابدار آهن. توڙي ڀارت کان ٻاهر ملڪن ۾ صدين لاڪر ڦلجندو ڦولجندو رهيو اڄ به سڄي سنسار ۾ هن مت کي جهجهي انداز ۾ پوئلڳ آهن. پر ڪيئن به ڀارت ۾ صفا هستيءَ تان مٽجي ويو آهي.

(١) ٻڌ ڌرم جي گهٽجڻ جو هڪ مکيه ڪارڻ هو ٻوڌي سنگهه جو گهٽجڻ، وقت گذرندي سنگهه گپت پريم ۽ ڀرشٽاچار جو گرم بسترو ٿي پيو. ٻوڌي ڀڪشن ۽ ٻوڌي ڀڪشڻين جي ڌرمي پوڄا سٿل ٿيڻ جي بدران جيئن وشواس جو ٿهلاءُ ٿي ٻوڌي وهارن کي جهڳڙن ۽ جنجهٽن لاءِ ڪتب آندو ويو صرف پاڻ ۾ مارڪٽ هئي نه ڪ سچو ڪم. ٻوڌي ڀڪشو ۽

ٻه ڄڻا ساڳي رستي ڏانهن ڪونه ويو.“ هرڪو الڳ الڳ ٻيراڳي کي ڪا خاص ايراضي اَرپيل هئي ۽ اهو ٻڪي ارادي سان ان ايراضيءَ ۾ ماڻهن کي ٻڌ مت ۾ آڻڻ لاءِ اُمنگ سان ڪم ڪندو هو. شروعاتي دور ۾، ٻوڌي ٻيراڳين ٻوڙ زندگي پئي ڪاٽي ۽ عجب ناهي ته ماڻهن انهن جي اَثر هيٺان اچي سندن مثالن جي پوئيواري پئي ڪئي. سندن همت هيٺ تعليم هئي. ٻوڌي مڙهيون يا ٻوڌي وهار تعليم جا مرڪز ٿي ويا ۽ سکيا جا ڳولهيندڙ انهي اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ ٻڪشن جي پيرن وٽ ڏيان مان تاڪيدون ٻڌندا هئا. هڪ اهڙو مرڪز هو نالندا جتي هيون سانگ جون چيني ياتريءَ سالن تائين ابياس ڪيو.

(٧) اشوڪ جي شاهاڻي پٺ هيٺان ڪنشڪا ۽ هرش انهن پڻ ٻڌ ڌرم کي وڌائڻ ۾ مدد ڪئي. ائين ظاهر آهي ته سمراٽ اشوڪ جي زندگيءَ جو فقط مقصد هو ڀڳتي يا ڌرم جي قاعدي جو ڦهلاءُ نه صرف پنهنجن ماڻهن ۾ پر ڀارت کان ٻاهرين ملڪن ۾ پڻ، هن ملڪ جي سڀني طريقن کي ٻڌ مت کي مشهوري ڏيڻ استعمال ڪيو. ملڪ جي سڄي شڪتي کي هن مقصد کي مشهور ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويو. هو ان خيال کان ياترائن تي نڪتو جيئن ماڻهن کي ڌرم جي باري سمجهائي سگهي. هن ٻڪشن کي هدايت ڪئي. پربشڪن ۽ ڌرم مها متن کي پڻ هدايت ڪئي ته ياترائن تي نڪرن ۽ ماڻهن ۾ ڀڳتيءَ جو قاعدي جو ڦهلاءُ ڪن. هن جي ڌرم جي اصولن کي ٿنڀن ۽ شلاليکن تي اُڪريو ويو. ٻاهرين ملڪن طرف ڌرم پرچارڪن کي موڪليو ويو. ٿوري ۾ جيڪو ڪجهه انسان ڪري ٿي سگهيو يا ممڪن هو ٻڌ ڌرم جي ڦهلاءُ لاءِ ڪيو ويو. ڪنشڪ ۽ هرش پڻ ٻڌ مت جي ڦهلاءُ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو پر

ڪاپاري ڏک ڏنو. گپتا راجائون برهمڻ ڌرم جا مکيه پوئلڳ هئا ۽ اُنهن هن ڌرم لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو. شاهاڻي پوئلڳيپڻي جي پٺي ڏيکارڻ ڀارت ۾ ٻڌ مت جي ڪمزوري آندي. وڌيڪ اَڃان به اِئين محسوس ڪيو ويو ته ٻڌ مت جي اَهنسا جي اَصول جي ڪارڻ ملڪ جي بربادي ٿي هئي. ٻڌ ڌرم سنتان پئدا ڪرڻ لاءِ ڪونه هو. اِن ڪري ماڻهن ۽ ملڪ جي گهرجن جي تڪليف وارن مٿن تي پورائي ڪونه ڪري سگهيو. اَچرج ناهي ته گهڻن ماڻهن جو هن ڌرم مان وشواس نڪري ويو.

(۳) نئين برهمڻ مت جيڪي ڪجهه ٻڌ مت ۾ سٺو هو پاڻ سان لاڳو ڪيو ۽ اِئين ڪرڻ سان ماڻهن کي پاڻ طرف ڇڪيو. نئون برهمڻ مت ڪنهن پنٿ جي پوئلڳي جو آڌر ڪونه هو پر هڪ جهڙائي ۽ اَختياري جي ڪري ٿيو. مهايانه جي وڌڻ ڪري به ٻڌ مت هندو مت جي ويجهو آيو ۽ هندو مت ۾ آڻڻ جو ڪم سولو ڪري ڇڏيو. مهايانه سنسڪرت ٻوليءَ جو اِستعمال ڪيو ۽ پنهنجا اَصول ۽ مت سنسڪرت ۾ لکيا. اُن نه فقط ٻڌ کي ڀڳوان ٺاهيو پر سندس پوڄا ڪرڻ به شروع ڪئي.

ايلئيٽ چوي ٿو: ”اُهي ورهائيندڙ ليڪ جيڪا عام رواجي ٻوليءَ کي عام هندن کان ڌار ڪري ويٺي هئي گهٽجي ويئي ۽ اَڃان گهٽ ٿي ويئي. صرف مڙهين ۽ مٺن ۾ اوچي پڙهائي ۽ سکيا وڃي رهي. جن ۾ تمام گهٽ انداز ۾ نوان رنگروٽ اَچڻ لڳا ... مڙهين ۾ جيڪو ڪجهه سيکاريو ٿي ويو سو هندو مت سان نزديڪيءَ تان ميل پئي کاڌو ۽ نه ڪ گوتم جي سکياڻن سان ۽ اَلڳپڻي جو جوش جي غير حاضري ۽ هر ڪنهن وقت جي ويچارن سان جلد سمائڻ ڪري

ٻوڌي ڀڪشڻن مزيدار زندگي ڪاٽڻ شروع ڪئي جنهن ۾ ڪا تڪليف به ڪونه هئي. ائين ڪرڻ سان هو برهمڻن پوڄارين مٿان پنهنجو اوچو پڻو ڪونه جتائي سگهيا نتيجو اهو نڪتو جو ماڻهن کي انهن جي لاءِ عزت ڪونه رهي. هو ٻين مٿان وشواس جو اثر ڪونه ڄمائي سگهيا ۽ جتي ڪٿي نظرانداز ڪيا ويا. ۽ ڪين گهٽ نظر سان ڏٺو ويو. مها يان ۽ هنيانا پوڄاري ڪلم ڪلا هڪ ٻئي کي ڌڪارڻ شروع ڪيو. اندرين ڪاٽ ڪوٽ جهڳڙا ٻڌ ڌرم جي ناسونتيءَ جا سبب ٿيا. اها حقيقت آهي ته ٻوڌي سڀا وقت گهڻي ڪوشش ورتي ويئي ته ڪا پل جوڙجي پر اسڦلتا رهي.

ائين چيو ويو آهي ته وڪرمسلا وشوودياليه ۾ هڪ پوڄاريءَ جيڪو اپياسي هو ان وٽ شراب جي ٻوتل لڌي ويئي جڏهن پڇڻ تي چيائين ته ڪيس ڪنهن ڀڪشڻي ڏني هئي جنهن سان هو هميشه ملندو رهندو هو. وشو وديالي وارن هن مٿان قاعدي جي ڪارروائي ڪرڻ پئي چاهي پر ان ڳالهه تي ٻه وديالي جي ميمبرن ۾ ٻه مت ٿي پيا ۽ وڏو ڦڙو ٿي پيو. گهڻا سماج ۾، ٻڌ کي وري ائين پيش ڪيو ويو جڻ هو ديو پرين سان دراچار ڪندو هجي. وني پتاڪا جي سکيائن سان هرويرو هٿ چراند ڪئي ويئي هئي هر ڪنهن کي هن پوڄا لاءِ مهلت ڏني ويئي ماس، مڇي، شراب ۽ زالون ڀرڻ (مطلب ته سڀ ڪجهه هن پوڄا لاءِ روا ڄاڻيو ويو) او ويندي انسان جي بلي به روا ڪئي ويئي، هڪ هنڌ ته ائين ٿو ملي ته انساني ماس کي به پوڄا لاءِ استعمال ڪيو ويو ۽ مها پرساد ڪري ڏنو ويو. انسانن جي رت کي شراب سان گڏ استعمال ڪيو ويو.

(٢) برهمڻڪي هندو مت ۾ ڦير ڦار به ٻڌ مت کي

نرواڻ: ٻڌ نه صرف ڀڳوان جي هستيءَ جي جهڳڙي کي نبيريو، پر روح ۽ آتما جو پڻ، سندس فيلسوفي سڀني سنسار سان لاڳو هئي، جيون سان لاڳو هئي، ايترو ته اڳتي وڌيل هئي جو اڳو پوءِ جو مقصد ”نرواڻ“ کو به پنهنجي زندگيءَ ۾ حاصل پئي ڪري سگهيو ۽ نه ڪ هر ويرو موت کانپوءِ.

نرواڻ جو مطلب آهي ته پيار ۽ نفرت کان آزادي ۽ مڪتي. اهو انساني سڀاءُ آهي جو هر ڪنهن سان لاڳاپو رکندو جنهن مان هن کي آنند اچي ۽ ان کان نفرت ڪندو جيڪو ڪيس دکهه ڏيندو، پيڙا ڏيندو، رنجائيندو، جڏهن هو نرواڻ پائي ٿو ته هو ڪيئن به ڪري پيار ۽ نفرت مان مڪت ٿي ٿو وڃي.

ٻڌ پرچار ڪيو ته ماڻهن کي سنائي جي وشو ڌرم کي اپنائڻ کپي. هن ان لاءِ رهبري رستا رکيا جيئن ڪو به ڌرم کي سندس سنائيءَ لاءِ پرکي سگهي.

مثال جي طور تي هن چيو ته اهڙو ڌرم هر ڪنهن لاءِ

پر سدارٿ ڀاڻ ئي زور ڏنو تہ هو ديش نيڪالي پسند ڪري ٿو ۽ هڪ گهومو سنياسي ٿي ملڪ کي ڇڏي ڏيندو.

جا ڳالهہ سڀني هڪ مهل پسند ڪئي. پر ان هوندي بہ شاڪيہ پنهنجي راجا ڪوشل کان ڪيترو پئي ڊنا. ان سچہ مان ظاهر آهي تہ توڙي هن فيصلي ڪانپوءِ انهن ڪولياڻن مٿان حملو ڪرڻ جو ويچار ڇڏي ڏنو ڏکندي تہ ڪٿي ڪوشل راجا شاڪيہ ڪوليا جي جهڳڙي کي سدارٿ جي سنياس سان نہ ڳنڍي.

تياڳڻ ڪونہ: سدارٿ، جيئن عام طرح وشواس ڪيو ويندو آهي تہ پنهنجي زال يشودرا جو تياڳہ ڪيو غلط آهي، هن تہ پاڻ زال يشودرا کان موڪل ورتي. يشودرا چاهيو ٿي تہ هوءَ بہ سدارٿ سان گڏ نڪري ۽ سنياسڻ ٿئي پر ڪيس پٽ راهول کي پالڻ لاءِ ترسڻو پيو.

هڪ هٿان جيڪو سڀ مٿان راج ٿي ڪيو. سدارٿ هڪ ٿيو جنهن سڀ کي تياڳہ ڪيو ۽ اهو هن نقط نظر کان ڇٽي سگهجي ٿو تہ هن پنهنجي من جي ڀاونا سان فيلسوفي ۽ سڌانت ناهيو. ٻڌ اهو سيکاريو تہ انسان کي هڪ ئي ”سنائي“ جي هڪ ئي وشو ڌرم کي مڃڻ کپي.

انهن ڏينهن ۾، هندو پوڄارين ٻڌ مت کي ڪونہ مڃيو اهو چوندي تہ جيئن تہ ٻڌ ايشور جي هستيءَ کي مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي. ان ڪري سندس ڌرم کي ڌرم چئي نٿو سگهجي. اهو انڪري چو تہ انهن جي راءِ موجب ڌرم کي ٣ ڳالهين جي ضرورت آهي.

اهي هيون (١) سڀ کان وڏي دويہ هستيءَ ۾ وشواس (٢) سڀ کان وڏي دويہ هستيءَ کي منظور ٿيل وڏين جي رستن ذريعي شانت ڪرڻ. (٣) سماج ۾ منظور ٿيل سخت قائدن انوسار هلڻ.

چالاڪيون ڪيون ته عام جنتا جا انڌ وشواسي پوڙري هئي انهن مان ڪيئن ڌرم جي ناليءَ تي پئسو ڌڪجي ۽ جتي هو پنهنجن ڌرمي اُپديشن ۾ ڏکه ڏيندڙ ٻاهه سان زالن جي برابري ڪئي ته ٻه هن ڪڏهن ٻه وجهه ڪونه وڃايو ۽ ساڳي پيڙا ڏيندڙ ٻاهه ۾ ٽپو ڏنو جا چتر ۽ چالاڪ هئي.

انسان جي مهانتا ڪان ناڪاري ٿيڻ ته انسان صرف جيڪو ڪيس گيان آهي ان ڪري مهان آهي ٻڌ هڪ ٻيو زوردار هندو برهمڻن جي اڳيان ڪرندڙ قلعي تي حملو ڪيو.

برهمڻ پاڻ کي ايشور جي پد ٿائين اُپاريو هو چيو ته هو ٣ ويدن ۾ چڱيءَ طرح پرڀيڻا هئا (اوسيتائين صرف ٣ ويد هئا) ۽ ڌرمي گرنٿ ٻه خوب پڙهيا هئا.

اُهي پنهنجي چريتر جي حدن کان ٻاهر ايترو ته پري ڪري پيا هئا جو هنن اهو حق پئي رکيو ته توڙي جيڪڏهن برهمڻ ڪا شرارت ڪئي، اَلبت گهٽ ذات عورت سان ته اُن کي ته ٻه ڏوهاري ڪري ڪونه مڃيو ويندو.

ٻڌ، پئي پاسي سنائي ۽ خرابيءَ جي پريڪشا وٺندي چيو ته ان کي ائين سڌي سگهجي ٿو. جيڪڏهن اهو صفا اندروني شڪتيءَ جو رياض، پرچار، اُچا ٻه اُڳتي ڪرڻ ۽ پڻ سيلاٽپ جو، سٺي چريتر جو، ڪروٽا جو ۽ وشو جي پيار جو ڦهلاءُ ڪري ٿو.

اهو ٻنا ڪنهن چوڻ جي هلي ٿو ته هندوتو جو ان وقت ۾ ڦهلاءُ جاري هو. ان ۾ گهڻو ڪجهه هو، ڇا نه هو؟ نجيون، دولاب، جاليپڻو، چالاڪيون، گپ ۾ لٺ، ڇل، ڪپٽ، پراڻي خيالات، اَنڌ وشواس ۽ ڪٽر پنٿ، اهي سڀ هڪ سچي ڌرم لاءِ ڪونهن.

ٻڌ پنهنجي پوئلڳن کي تاڪيد ڪئي ته اُسان جو ڪرم

گيان جا دروازا کوليندو.

انهن ڏينهن ۾ هندو پوڄاري ائين سمجهندا هئا ته زالن ۽ شودرن کي گيان جي حاصلات جو حق ڪونهي. جڏهن ٻڌ کي ڪنهن برهمڻ جي گهر ۾ ڪنهن مجلس لاءِ گهرايو ويو. هن کان گڏ ٿيل مهمانن ان ڳالهه لاءِ پڇيو ويو.

هن چيو ته جيئن ته قدرت بي انتها ڏين يا ڪيتيءَ جي پيداش جيڪا زمينن ۽ ٻارن مان ٿئي ٿي ۽ اها ڪنهن به هڪ جي يا جاتيءَ جي سڄي ساري ملڪيت ڪونهي. ساڳي ريت گيان جي خزاني جو ڀنڊار ساري سنسار لاءِ آهي ڪو به ڌرم جو ڪنهن کي ان حق کان پري ٿو رکي، سندس جي رايي موجب سٺو ڪونهي.

ان زماني ۾ ڌرم هڪ وڏو گوڙ هو. جنهن مان چريتر ۽ نيتي سڀ گم ٿي ويئون هيون، پروفيسر راگهو آچاريه هن وقت چٽڪي هڻي ڇڏي آهي ته اونداهو يگ، هن ڏکه ظاهر ڪندي حقيقت ظاهر ڪئي ته ان زماني ۾ سڀني وڏن ويچار وارن ۽ فيلسوفن جي وڏي ڪوت هئي. پڻ ماڻهو انڌ وشواس ۽ وڏين ۾ قائل هئا. اهي هيون پوڄائون، يگيه ۽ انڌ وشواس ڌرم جي نالي تي ڌرمي گرنٿن ۾ هو. ۽ اهڙي، بي سمجهه ۽ سخت پراڻي خيالات رکندڙن جي سامهون ٻڌ اهو چوندي ته انسان جي مهانتا ان جي ڄاڻ جي ذريعي سان ماپي نه ٿي سگهجي پر ان ڳالهه تي ته هو ڪيترين سٺاين ۽ اصول رکي ٿو ۽ پنهنجي جيون ۾ عمل ۾ آڻي ٿو. هڪ وڏو لپ پيدا ڪيو.

هن جي انهن ڳالهين ٻهاني ٻاڙن کي اُگهاڙو ڪيو جيڪي ماڻهن مٿان مڙهي رهيا ۽ هڪ طرف چٽي رهيا هئا. غلطين ڀريل تقريرن سان ته سنسار هڪ مايا آهي، هڪ اڄايو ڀاڱو آهي پر ته ٻه هن نيون نيون رڳون سوچڻ چالو رکيون ۽

تڪليفون اينديون پڪ اٿس. ٻيو مثال اهو ٿيندو ته ڪو ڪرور پرجا کي پيڙا ڏيندڙ ماڻهن جي سپاءُ جو اجوڳ، فائدو ٿو کڻي ۽ کين عذاب ٿو ڏئي. جڏهن اُهي سهڻ کان ٻاهر آهن ته ان پيڙا ڏيندڙ جي خلاف ڪاٺ ڪهاڙا ٿا کڻن ته خاطري سان چئي سگهجي ٿو ته کيس سندس ڪرمن جو ڦل مليو. ٻيو مکيه مثال آهي جو نمونو آهي ۽ جو ڏيکاري ٿو ته ڪنهن چور کي عادت آهي چوري ڪرڻ جي. ممڪن ناهي ته چئي سگهجي ته چور ڪڏهن پڪڙجي سگهبو. پر جڏهن پڪڙيو آهي ته کيس ڪرمن جو ڦل مليو.

اهڙي نموني جيڪڏهن ڪو انسان ڪوڙي مائٽي رکندو ٿو هلي. اهو ٻه چوڻ مشڪل آهي ته ڪڏهن هو پڪڙبو، پر جڏهن ٻه ڪيئن ٻه ڪري پڪڙجي ٿو ته هن کي پنهنجي ڪرمن جو ڦل ملي ٿو. اهڙي نموني ٻڌ سوال اُٿاريو ته ڪابه ضرورت ڪانهي ته ڪنهن ديوي شڪتي جو وچ ۾ اچڻ هن طرح جي سبب واري مثال ۾.

اهو سمجهائڻ ڪانپوءِ ته ٻڌ جي ڌرمي ڪرمن جو مطلب ڇا آهي ضروري ناهي ته چئجي ته اڌرمي ڪرم ڪهڙا هوندا. ڪوبه سبب مان اندازو لڳائي سگهي ٿو ته اُهي ڌرمي ڪرمن جي اُبتڙ هوندا. پر شڪ ۽ غلط انداز لڳائڻ لاءِ ڪابه جڳهه ڇڏيندي ٻڌ انهن تي ٻه وياکيا ڪري ٻڌائي، سندس ڌرمي ڪرمن جي فهرست ۾، ٻهريون هو دنيا ڪانپوءِ يا حياتيءَ ڪانپوءِ ۾ وشواس، نه صرف ايترو هن ظاهر ڪيو ته ڪنهن ٻه ديوي شڪتي يا ايشور جي هستيءَ ۾ وشواس ٻه اڌرمي ڪرم هو.

هن بحث ڪيو ته جيئن ته ايشور صرف سوچڻ جي پيداش آهي ۽ ان پيداش جي پوئتان جيڪڏهن ڪوبه ڌرم ايشور تي پايدار آهي جو ٻه خيالي وهم آهي ان ڪري ان کي

يا ڪريائون ٻن قسمن جون آهن: ڌرمي ۽ اَڌرمي. هن ڌرمي ڪمن کي صاف ڪري ٻڌايو جي لفظن ڪم ۽ سوچڻ ۾ شڌ ۽ هاڪاري هئا. هن نرواڻ جي حاصلات ۾ ڪوشش کي به ان درجي ۾ داخل ڪيو.

ان ڪرڻ ۾ هن سبب جي سمجهاڻي ڏيندي چيو ته پيار ۽ نفرت جون ورتيون ئي دک ۽ غلط ڪم جون جڙيون آهن. انسان جنهن کي نرواڻ ملي ٿو انهن کان آزاد آهي ۽ ان ڪري دک ۽ ڏوهه پڻ آزاد آهي. هيج ۽ ڌن ڪٺي ڪرڻ جي ورتيءَ کي تياڳڻ پڻ ڌرمي ڪريا آهي. ان ڳالهه کي ٻڌ ملهه ڏيندو هو. سندس راءِ موجب دنيوي ملڪيتون کي ناس ٿيندڙ ئي سمجهڻ کپي. انڪري ماڻهو اندي اُميد جي چڪر ۾ نه ايندو ته ڪيس ڌن ملندو ۽ ٻيو سڀ ڪجهه ڇڏي ڏيندو.

ڪرم جو ڦل: ٻڌ جو ويچار هو ته انسان پنهنجن ڪرمن جي ڦل کان پري ڀڄي ڪڏهن نه سگهندو ڀل سٺو هجي يا خراب. سندس فيلسوفي موجب اسانجا ڪرم ۽ ڪريائون ٣ درجن ۾ رکي سگهجن ٿيون.

(١) ڪريائون جن جو سٽت ئي ڦل ملي ٿو. (٢) ڪريائون مقرر ڪيل وقت تي اڳوات اڳڪٿي ٿيل ڦل ڏين ٿيون. (٣) ڪريائون اهي ڦل ڏين ٿيون ڪنهن خاطري ڪيل ۽ مقرر وقت کانپوءِ ڦل ڏين ٿيون.

ٽنهي نمونن جا مثال ڏيندي هي پهريون نمونو هيئن ڏيکاريو. ڪو ڪنهن مضبوط ماڻهوءَ کي ٻنان ڪنهن سبب جي چيڙي ٿو. هو ان کي سٽت ئي سٽو ڪري سگهندو، گپ ۾ پٽو ڦٽو ڪرڻ سان جلد ئي جواب ملندو. ٻئي نموني جو مثال اهو آهي ته ڪو انسان پنهنجي تندرستيءَ کي نظرانداز ٿو ڪري ۽ جواني موج ۾ ماڻي ٿو ۽ ٻڍاپي ۾ تندرستي جون

نہ صرف نہ حق رکيو تہ هو ايشور آهي ۽ سندس اوتار يا وري ايشور جو پٽ آهي. نہ پاڻ کي کو وري پيغمبر سمجهو.

محمد مثال طور پاڻ کي الله جو پيغام پهچائيندڙ جو حق رکيو ۽ جيڪو ڪجهہ هن پرچار ڪيو ڀڳوان جو انعام هو.

جيسس ڪرائيسٽ پڻ پاڻ کي ايشور جو پٽ ڪري حق رکيو (جڏهن ڀڳوان کي پٽ ٿي سگهي ٿو تہ پڪ هن کي پتا بہ هوندو)

موسا ڪڏهن بہ پاڻ اهڙو حق ڪونہ رکيو. پر سندس پوئلڳن حق رکيو تہ سندس سکيائون ديوي هيون ۽ جي ڪڏهن پوئواري ڪبي تہ ٻئي دنيا ڏانهن وٺي هلنديون جتي کير ۽ ماکيءَ جون نديون پئي وهيون.

ٻڌ کي هٿون ٻئي پاسي اهڙا کي بہ بهانا ڪونہ هئا. هن صاف ظاهر ڪيو تہ هو نہ کي چمتڪار ڪري سگهندو ۽ نہ وري اهڙيون ڪهاڻيون ٺاهيائين جنهن دواران وشو جي خلقت جي باري ۾ ٻڌائي سگهجي. حقيقت ۾ هن پنهنجي ڌرم کي سماجڪ جاڳرتا ۽ ڦيري لاءِ ماڌيم ٺاهيو. پنهنجي ڌرم جي پرچار لاءِ هن ٻين ڌرمن جي مکيہ ماهرن کي دعوت ڏيئي پاڻ وٽ گهرايو ۽ بحث ڪيا ۽ ڪنهن ڌرمي پوتر گرنٿن جي مدد ڪانسواءِ پنهنجن اُتم خيالن وارن کي هر دفعي آڻ مڃائيندو هو.

هتي هڪڙو مثال ڏجي ٿو تہ هن ڪيئن بحث ڪئيا. هي بحث ٻڌ ۽ ٻن مشهور برهمڻ ماهرن وسيشٽ ۽ ڀاردواج جي وچ ۾ ٿيو. وشيہ هو "ايشور جي هستي".

ٻڌ پڇيو "ڇا توهان برهما ڏٺو آهي؟" جڏهن انهن ناڪاري جواب ڏنو تہ ٻڌ جلد ئي پڇيو "ڪو آهي جنهن برهما ڏٺو هجي؟"

ڌرم سڏي نہ ٿو سگھجي پر صرف ٺڳي ۽ دولاب.

اھڙي طرح اِئين وشواس ڪرڻ بہ اَڌرمي ھو آتما اَمر
آھي ۽ پنر جنم بہ آھي ساڳئي نموني اھو بہ اڌرم آھي جو
يڳيہ يا ٻيون وڏيون ڪيون وڃن. ٻڌ جو ويچار ھو تہ انڌوشواس
ھن چيل وشواس مان ئي ٻاھر نڪتل ھو جي پڻ خيالي ھئا
ٺنھن ڪري اِنھن کي بہ اَڌرمي سڏي سگھجي ٿو.

ٻڌ جو اھو وشواس ھو تہ ڌرتي ۽ وشو پئدا ڪونہ ڪيا
ويا ۽ اِنھن جي پوئتان ڪا خيالي شڪتي ھئي. پر پنھنجو
پاڻ پئدا ٿيا آھن تہ بہ ٻيو ڪرم جنھن کي ٻڌ ٻڌايو تہ اَڌرم
صرف پڙھڻ ھو يا وري ڌرمي گرنٿن جو چوڻ ھو.

جيستائينڪ، ھندو پوڄارين حق رکيو آھي تہ ڌرمي
لکتين کي پڙھڻ سان يا اڀياس ڪرڻ سان پنھنجو پاڻ ڌرمي
ڪم ھو ۽ اُھي ديوتائن کي راضي ڪندو. ٻڌ ظاھر ڪيو تہ
اِھو سڀ بڪواس ھو ۽ ان ڪري اَڌرمي.

نہ صرف ايترو، ھن اَڃان چيو تہ اِنھن ڌرمي لکتين کي
پوتر سچہ سمجھڻ ۽ اِئين سمجھڻ تہ اِھي غلطين رھت آھن
اِھو بہ اَڌرمي آھي. ٻڌ جاتي واد ويچارن تي پڻ ڪڙو
حملو ڪيو.

ھن اَڳتي ٻڌايو تہ جيڪڏھن ڌرم فقط ماڻھن کي ويڙاھي
ٿو نہ ڪڍ ٿو ڪري اِھو بہ ڪنھن ڌرم جي پد ڏيڻ لائق
ڪونھي. ھن رايو رکيو تہ اِنسان کي سندس ڪرمن دواران
سمجھڻ کپي ۽ نہ ڪ سندس جنم ڪري.

ڪوبہ براھمڻ ٿي ڪونہ پئدا ٿيو آھي ۽ نہ وري ڪو
سودر. ڌرم ۾ ھڪجھڙائي ھجي. رکاوٽون نہ ناھڻ کپن ۽
تفاوتن ۽ اَجاين فائدن کي ھمٿائڻ نہ گھرجي.

سڀ کان الڳہ ٻوڌ مت جو روش آھي تہ سندس اھنڌ

ڇا ٻوڌي مت شروعاتي ڪرستاني مت تي اثر ڪيو؟

ڪرستاني مت سان ٺهڪندڙ "ڌرم پرچارڪ" لفظ جي ڳنڍجڻ کان ٻه گهڻو اڳ، ٻوڌي ڀڪشو ۽ سنياسي ايشيا جي آرپار ياترائن تي هئا. اِن مقصد سان ته سنڌن مالڪ جي سکيائن جو سلڪ رستي سان گڏ جيڪو اوڀر ۾ خوتان وٽان شروع ٿي اولهه ۾ انٽيوچ ۾ ختم ٿي ٿيو پرچار ٿئي.

سچ پچ گهڻن ئي اُستادن جو اِهو رايو ته سلڪ رستي جي پاڳن ۽ ٽڪرن وارو ڌرمي رواج جنهن ۾ ليونٽ اچي ٿي ويو. اِنهن سيني مثان ٻڌ جي فيلسوفي جنهن ۾ ڪروڻا، سنڌس ڌرم جو رايو، اَمر قائدو جنهن قدرتي قائدن کي حساب ۾ رکيو هو ۽ جنهن اِنسانن ۾ چريتر قانون صاف ظاهر ڪيو هو جو مٿائن گهڻو اَثر هو.

هن اِتهاسڪ پٺ جي سامهون ڪن ماهرن ڪي مزيدار سوال پڇيا آهن: ته يسوع جون سکيائون ڇا پئليسٽائين ۾ جيڪي سڌارٿ گوتم ڪرسٽ کان ۵۰۰ سال اڳ ۾ گنگا جي ڪناري سيکاريون هيون سنڌس هڪ ڪتاب "اورجنيل جيسس (ايليمينٽ بوڪس شئفٽيبري، ١٩٩٥) ايلمر آر. گروبر هڪ هوشيار ۽ مشهور منووگيانڪ ۽ هولگير ڪرسٽين جو ڌرمي اِتهاس ۾ خاص جڳهه ٿو والاري. گهڻو وڪاميل ڪتاب "جيسس لوڊ اِن اِنڊيا جو ليکڪ، هڪ اُهڙي شاهديءَ جي آڇ ٿو ڪري جا لاچار ٿي ڪري ته جيسس ڪرسٽ جي جي جيون ۽ سکيائن مٿان تمام گهڻو ٻوڌي اَثر هو.

ٻهٽ ڪندي گذريل ٢٠٠٠ سال چرچ جي اِتهاس هڪ

وري جڏهن جواب ناڪاري هيو. ٻڌ پنهنجي مهربان مشڪ سان چيو، ”دوستو هيءُ ان وانگر ناهي جتي ڪو انسان ڪنهن ڇوڪريءَ سان پاڳل نموني پيار ۾ هجي، جنهن کي هن ڪڏهن ڏٺو به نه هجي.“

ٻرهمڻ سوشتي ۽ سنڌس پنهنجو پاڻ کي اُستاد سڏيندڙ جو مزاق اُڏائيندي هن چيو ته سوشتو اُن سورداس جي قافلي وانگر آهي. سڀ ماڻهو سورداس هئا ۽ اُنهن مان سڀ جا سڀ اَڳوان ڪي جهلي بيٺا هئا. اهو سوچيندي ته هو ڪين صحي راهه تي وٺي هلندو.

اَهڙا ڪيترائي مثال آهن جن اَلڳ اَلڳ، ٻڌ جي هوشياري جيڪا هن ٻڌڻ ۾ ڏيکاري، پراچين گرنٿن ۽ ڌرمي سڪيائن ۾ لکيل آهن. هيءُ اهو فلاسافر هو جو اَڄ کان ٢٥ سؤ سال اڳ۾ پيدا ٿيو. ٻڌ چوندو هو ته سچ پڇ جيڪو پنهنجو دماغ هلائيندو اهوئي ٻوڌي ٿيندو.

اِهو سچ آهي ته مهايانن ڪري ٻوڌي مت تي ان اونداهي وقت ۾ هڪ نگهه ۽ دولابي ڌرم جو نهو لڳي ويو پر ته به اڄ به ان لاءِ ڪشش اصلي ٻوڌي فلاسافي ڇڏي نه ٿي آهي ڀوڙي اڄ ڪيس ٢٥ سؤ سال ٿي چڪا آهن.

اڄ وري ڀارت ۾ نوان ٻوڌي جهجهي اَنداز ۾ پيدا ٿيا آهن. جي گهڻو ڪري داسه پنٿ مان آهن. ڀوڙي ٿورائيءَ ۾ آهن. هنياني ٻوڌين ٻوڌي فيلسوفي کي سندس اصلي روپ ۾ سنڀالي رکيو آهي. ان ڪري اُنهن کي ان لاءِ جس هجي. ڪوبه صرف اُميد رکي سگهي ٿو ته نون ٻوڌين جو اَنداز ايندڙ سالن ۾ وڌندو ۽ اُهي ٻوڌي فيلسوفيءَ کي بنا داغ واريءَ اصلي روپ ۾ سکندا.

ٻوڌي ويچارن جو يهودين، جي ٻاهرن ملڪن ۾ رهندا هئا. اسسينس ۾ واقفيت ڏني. جن پوءِ ڪرستاني سڌانتن کي جنم ڏيڻي اَثر ڪيو.

"اسيين" لفظ ارامڪ "سين" ڇاڻيندڙ مان نڪتل آهي. ٽيرا پيوٽائي وانگر ايسينس جو وشواس هو ۽ پوتر چريتر ۽ ڇاڻيندڙ شڪتيون ٻئي هڪڙيون آهن، ويجهو ٻنهي ۾ گڏوگڏ ۽ پوروچوت اصلي ٻوڌي ڪتابن ۽ جيڪو بائيبل ماهرن "Q" لفظ چيو آهن وچ ۾ رهي ٿو. يسوع جون چوڻيون جيڪي مٿيوءَ ۽ ليوڪ جي ڌرمي گرنٿن ۾ لکيل آهن. "Q" لفظ Quella جو ننڍڙو روپ آهي ۽ جرمن ٻوليءَ مان آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "ذريعو"، مٿيو ۽ ليوڪ، چيو وڃي ٿو ته هي سڀ يسوع جي پراڻن گڏ ٿيل گرنٿن تان کنيل آهن جي سندس پوئلڳن ۾ ورهايل هئا ۽ پڙهيا ويندا هئا.

ٻڌ جي سڀ کان وڌيڪ مشهور چوڻي آهي "هن دنيا ۾ دشمني، دشمنيءَ سان ڪڏهن به جيتي نٿي سگهجي، دشمني کي پيار سان جيتي سگهجي ٿو. هيءُ هڪ اَمر قانون آهي."

وري هو چوي ٿو "نفرت مٿان فتح ڪرڻ لاءِ نفرت نه، خرابين مٿان فتح ڪرڻ لاءِ ڀلايون، لالچ مٿان فتح پائڻ لاءِ فراخ دلي، ڪوڙ مٿان وجئه لاءِ سچ. غصي جي وس ۾ نه وڃو. تڏهن ڏيو، جڏهن توهان کي چيو ويو آهي" اهو سڀ توهان يسوع جي صلاح سان ڀيٽ ڪيو. جيڪا بائيبل جي نئين ڇاپي ۾ آهي. "...... پنهنجن دشمنن سان پيار ڪريو. موٽ ۾ دکيه ملي، ڪانسواءِ سنائي ڪريو. توهان کي وڏو اِنعام ملندو ۽ توهان ڀڳوان جا ٻار ٿيندءُ.

وري يسوع جي چوڻي ته ڪيئن ڪو پنهنجي اک پيل ٻنب کي نظر انداز ٿو ڪري ۽ ٻئي جي اک ۾ پيل هڪ ننڍڙي

سچو اِتهاسڪ يسوع لڪايو آهي. ليڪن واعدو ڪيو آهي ته اِن روغن کي ڌوئي ڪري هن کي ظاهر ڪيو. يسوع جي شروعاتي دور جي باري ۾ تمام گهٽ ڄاڻ آهي. اِنهيءَ دور ۾، گرو ٻير ۽ ڪيرسٽين حق ٿا رکن يسوع کي ٿيرا پيپوٽائي پالي وڏو ڪيو. تڏهن ٻوڌي ٿيراواڊا اِسڪول جا سکيا ڏيندڙ بائيبل جي زمين ۾ رهندا هئا. ٿيرا پيپوٽائي کي موريا گهراڻي جي سمراٽ اَشوڪ عيسيٰ کان ٢٥٠ سال اڳ ۾ مصر جي راجا پٽوليمي - ٢ ڏانهن راجدوت ڪري موڪليو.

سڪندريا ۾ پهچڻ تي، مصر جو جيڪو هيلنيسٽڪ گاديءَ جو هنڌ ۽ وڌندڙ سکيا جو مرڪز هو، ان ۾ ٿيرا پيپوٽائيءَ پاڻ کي هڪ قوم ڪري وسائي ڇڏيو. پنهنجي هڪ ننڍي گرنٿ "دي وٽاڪنٽيم پليٽوا" ۾ ڦلوجو ڊاائيس. يسوع جي زماني ۾ ٿيرا پيپوٽائين جي باري ۾ اِئين لکيو آهي ته. سنياسي جي صرف غريبي ڏانهن اَرپڻ ٿيل هئا، ڪنوارا هئا. چڱن ڪمن طرف ۽ ڪروڌا طرف سندن لاڙو هو. اَهڙي ڌرمي پاڻپي يهودي دنيا ۾ اَڳ ۾ ڪو مثال ڪونه هو. مشهور ٻولين جو ڄاڻو زچارياس ٻي. ٿنڊي جو چوڻ آهي ته لفظ "ٿيرا پيپوٽائي" پنهنجو پاڻ ۾ ٻوڌي اصليت جو آهي. جو پالي لفظ ٿيراواڊا جو هيلنين روپ آهي.

صاف آهي ته هنن سڪندريا جي ٻوڌين، ٻڌ جي ڌارمڪ پرچار کي پڻ هٿايو ته سندس پکشو پنهي آتما ۽ بدن تي بندوبست ڪن. ٻوڌي ويچار بدي توازن کي گيان جي روشنيءَ لاءِ ڪونه ٿي وڃائڻ چاهيو. گرو ٻير ۽ ڪيرسٽين پنهي جي اِها صلاح آهي ته يسوع جي آتمڪ واڌارو. ٿيرا پيپوٽائي جي هيٺان شروع ٿيو ۽ اسينيس ۾ وڌيو. ڊچ ڪوجنڪ ابرنيسٽ دي بنيسن جو ڏس آهي ته

شڪتيءَ جو درجو ڳڻ ڪري سگهبو ته هيٺين سان وشواس پاڻون ڪان آتمڪ جوابداري ڇني سگهجي. ليکڪ محسوس ڪن ٿا ته اُهڙي چرچ جا شڪتيءَ جي آڌار تي ٽاهي ويئي آهي. اِنهن لاءِ ڪارائتي ڪونهي جيڪي پنهنجي آتمڪ واڌاري لاءِ شخصي جوابداري سمجهن ٿا.

پيٽ ۾، يسوعءَ پاڻ جاڻڻ ڪڇي جو ملهه ڪيو آهي اِن لاءِ پنهنجي جيون جي جوابداريءَ کي اڳتي ڪري، ڪم ڪري ۽ سوچ ڪري. ٻڌ وانگر يسوع پوڄارين ۽ اڌياتموادين جي خلاف هو. جيڪي رستي جو روڙو بڻجي سچي پاڻ جاڻڻ جي راهه تي ٿي آيا ۽ پنهنجي اثر کي برقرار رکڻ پئي چاهيو "فارسي (يهودي جيڪي نيم سان پوڄا ڪن) ۽ ليکڪن جاڻ جون ڪنجيون کنيون ۽ انهن لڪائي رکيون. نه پاڻ جاڻ پائڻ جي ڪوشش ورتي ۽ نه وري ٻين کي جاڻ ڏيڻ ڏنائون. پر توهان نانگن وانگر ساوڌان ٿي وڃو ۽ ڪبوترن وانگر اَبوجهه.

گروبير ۽ ڪرسٽين هڪ بهادريءَ جو ڪم ڪيو آهي اِهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته اِتهاسڪ يسوع ٻڌ جي جيون رهيو ۽ ٻڌي ويچار ڌارا پنهنجن پوئلڳن کي سيکاري. سنڌن ڪم آڪسفورڊ ڊنيو ٽيسٽامينٽ ماهر بارنيٽ هلمن اسٽريٽر (جي قدمن تي هلي) جنهن اِن ڳالهه جو پايو ڪافي اڳ ۾ سنه ١٩٣٠ع ۾ وڌو ته ٻڌ جي چريٽر سکيائون ئي جبل تي ڌرم اُپديش سان مشاهبت هئي.

جيتوڻيڪ اڃان تائين ثابتي ڪونه ملي آهي جو چئي سگهجي. يسوع ته ٻه نين ڪوجنائن طرف اُتساهه ڏياريو. جو ڪجهه پي پالين اڌياتموادي راضي آهن. ٻوڌي اثر جو امڪان ڪرستاني مت تي شروعاتي دور ۾ هيو ۽ ان کان اِنڪار نٿو ڪري سگهجي.

وقت ڪري ڏسي ڪل ٿـو اڏائي، سا ڳالهه ڪيئن ٻڌ جي ڄاڻڻ سان ميل ٿـي ڪائي جيڪا هن ڌرم پد ۾ چٽي آهي." ٻين جا ڏوهه وڏيڪ جلد ٿي ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ پنهنجا ڪونه. پـر پنهنجا ڏوهه ڏسڻ مشڪل آهن. ٻين جـا اوڳڻ اِئين ظاهر ڪيا ويندا آهن جيئن اَناج جا ڇلڪا هوا ڪرڻ سان اَلڳ ڪيا ويندا آهن. پر ڪوهه پنهنجا ڏوهه ڇپائي ٿو رکي جيئن دوکو ڏيندڙ جوئاري ڪندو هجي." يسوع جو پنهنجن پوئلڳن کي سڌ نه سپ ٻڌن ’توڙي ڇڏيو. جي اُهڙين چوٽين ۾ سمجهايل آهن." مٿن کي ڇڏيو نه پنهنجا مٿل (مٿا) لڪائين ۽ جيڪو به هر ڪاهڻ لاءِ هٿ ٿو وجهي ۽ پوئتي ٿـو نهاري اِيشور جي راج لاءِ لائق ڪونهي." ٻڌ جي ڌرمي چوٽين سان ميل ٿو ڪائي جڏهن هو ڀڪشن کـي چوي ٿو "اِهي جيڪي ٿڪي اِڇا رکن ٿا، هميشه اِئين رهن ٿـا. هڪڙي جڳهه تـي ڪونه رهن ٿا. انهن هنسن وانگر آهن جيڪي پنڊون ڇـڏي گهر گهر ڀٽڪن ٿا. انهن لاءِ جيڪي ڪجهه رکن ڪونه ٿـا انهن جي ٻچاءَ جو ذريعو ٻنا ڪنهن شرت جي آزادي آهي توڙي هو خبردار آهن نه هنن ڇا ڪاڌو. ڄاڻندي نه هوُ ڪڻ ٻير چيز جو تياڳ ڪري رهيا آهن. انهن جي رستي ٽان وڃڻ ان پکين وانگر آهي جيڪي آسمان ۾ اُڏامي رهيا آهن.

يسوع جو بيان "جيڪو به مونکي مڃڻ چاهي ٿـو. پاڻ کي ڄاڻي ۽ منهنجو انڪار سهي." ذمپد ۾ ساڳيو ٿـي آهي. "جڏهن ڪو ڏياني، توڙي اَجان جوان. ٻڌ جي سکيائن کـي اَرپـي ٿو تـه سنسار ۾ اِئين ٿـو چمڪي جيئن بادلن رهت چنڊ رمان."

گرو ٻير ۽ ڪيرسٽين زور ٿا ڪن نه چرچ ان ڳالهه تـي زور ڏنو تـه پنهنجي ناهستي وارو فرض رکو ان لاءِ نه سندس

سندس شادي ٿي ته راجڪماري پاڻ سان گڏ ڏيتي ليتيءَ ۾ ڀڳوان ٻڌ جي سون جي مورتي کڻي آئي. هيءَ جڳهه ٻوڌين لاءِ تيرٿ آستان بڻجي ويو. راهول سانڪرتيائن پنهنجي ڪتاب ۾ ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو آهي. هن نگر ۽ آس پاس جي شهرن ۾ هزارين ٻوڌي مندر ۽ وهارن جو نرماڻ ٿي ويو. افغستان ۾ جلالاباد، ڪابل، خوسط ۽ ٻين نگرن ۾ ڀڳوان ٻڌ ۽ شو جا ڪيترا مندر هيا. جلالاباد جي ٻمران ڄي ٻوڌي استوپن ۾ ڀڳوان ٻڌ جي هڪ اسٿي ٻرتن ۾ رکي هڪ وهاري ۾ سلامت رکي وئي آهي.

ڪابل ۾ به هڪ وهار ۾ ڀڳوان جي مٽي جي هڪ هڏي اهڙيءَ طرح ئي سلامت رکي وئي هئي. ترميذ کان بلخ تائين مندرن ۽ وهارن جا کنڊهر ملن ٿا. جن ۾ سنسڪرت جا ڪيترا ئي ٽُٽل قتل شلاليک مليا. ڪشن راجائن جو راڄ بنگال کان وچ ايشيا تائين هو. سمراٽ ڪنشڪ پاڻ ٻوڌي هو. سندس سڪن تي شو جي نندي ٻگي ۽ گڻن جون تصويرون ۽ مهيشور لفظ اُڪريل ٿيل مليو آهي. دنيا ۾ ڀڳوان ٻڌ جي ٻلاڪ پرنٽنگ ۾ هي پهريون ڪتاب چين جي سڪيانگ علائقي ۾ سنه ٨٦٠ع ظاهر ٿي هئي. (پر ٽازو ئي جنستا جي ١١ مئي ١٩٩٧ جي سب رنگ پرچي جي ٢٤ صفحي تي آهي. هن هفتي جي گهٽنا پهريون ڇپيل ڪتاب، دنيا جو پهريون ڇپيل ڪتاب ”هيرڪ سوتر“ ١٢ مئي سنه ٨٦٨ع ۾ چين ۾ ظاهر ٿيو. هيءُ هڪ ٻوڌي گرنٿ آهي. جنهن جو سنسڪرت مان چيني ٻولي ۾ ترجمو ڪيو ويو هو. هيءُ پهريون ڇپي وارو ڪتاب ساڍي سترهان فوٽ ڊگهي ۽ ساڍا ٽيه فوٽ ويڪرو آهي اصل ۾ هن کي الڳ الڳ حصن ۾ هڪ ڊگهي استر تي چپڪائي تيار ڪيو ويو آهي ۽ ويڙهي ڪري رکيو ويو آهي.

باميان ٻڌ جي مورتيءَ خلاف طالبان

افغانستان جي هڪ وڏي حصي تي پنهنجو اقتدار قائم ڪري ڪانپوءِ طالبان جي هڪ وڏي ڪمانڊر گذريل هفتي هڪ بيان ظاهر ڪيو ته هو باميان تي قبضو ڪري اتي جي ڪشن ڪال جي دنيا جي سڀ کان وڏي ڀڳوان ٻڌ جي مورتي کي بارود سان اڏائي ڇڏيندا. ڇو ته هو الله جي هدايت سان لاڳو اسلام جا پوئلڳ آهن ۽ اسلام ۾ مورتي پوڄا جي اجازت نه ٿي ڏني وڃي، دنيا جي گهڻن ئي ٻوڌي نيتائن طالبان جي هن ڌمڪيءَ خلاف آواز اٿاريو آهي جاپان، سريلنڪا، ٿائلنڊ، ڪمبوڊيا، وغيره ديسن جي سرڪارن هن بيان کي سچو سمجهيو آهي ۽ اسلامي ملڪن کي عرض ڪيو آهي ته هو طالبان کي هن حرڪت کان روڪين ۽ دٻاءُ وجهن ته هو پوتر ٻڌ مورتيءَ کي نقصان نه پهچائين. سري لنڪا جي ٻوڌي نيتائن ته هن معاملي کي سنيڪت راشٽر ۾ کڻي وڃڻ جي ڌمڪي ڏني آهي. پارٽي مسلم ٻڌيجيوين ۾ طالبان جي هن بيان جي گلا ڪئي آهي ۽ هن ڪم کي اسلام ورودي ڪوٺيو آهي. حالانڪ پاڪستاني سماچار اخبارن هن ڳالهه کي خاص اهميت ڪونه ڏني آهي پر بي. بي. سي. هن سماچار کي چوڌس ڦهلاءُ ڏنو آهي.

وچ ايشيا، ايران ۽ افغانستان ۾ اسلام جي اچڻ کان اڳ ٻوڌي راجائن جو قبضو هو ۽ باميان ٻوڌين ۽ هندن جو پاون تيرٿ ۽ واپاري مرڪز هو باميان، بخارا، خراسان، ڪابل، قندار، جلالاباد ۽ اوڀر ۽ اولهه ترڪستان ۾ هزارين مندر ۽ ٻوڌي وهار هئا. ڪن ٿورن کي خبر آهي ته وچ ايشيا جي نگر بخارا جو راجا ٻوڌي هو هڪ چيني راجڪماريءَ سان

آهي جا پهاڙ کي ڪٽي ٺاهي ويئي آهي. نگر جي اوڀر ۾ وري اهڙي طرح هڪ ٻي ٻـــ مورتي آهي جا ١٢٠ فوٽ اوچي آهي. عربن جڏهن هن شهر تي قبضو ڪيو هو تہ مندرن ۽ وهارن کي ناس ڪري ڇڏيو. هڪ وڏي مورتيءَ کي هيٺ ڇٽي ڪري ٽوڙي ڇڏيو تہ هيءَ هڪ ڀيانڪ ناڳہ جي مورتي آهي جنهن کي حضرت عليءَ ماري ڇڏيو هو. در اصل هيءَ مورتي ڀڳوان ٻڌ جي پرينرواڻ جو درشيہ پيش ڪري رهي هئي. جبل کي ڪٽي دنيا جي سڀ کان اوچي جا مورتي ٺاهي ويئي هئي. ان جي آسپاس گهڻيون ئي غفائون هيون جنهن ۾ ٻوڌي ودوان رهندا هئا يا انهن ۾ مورتيون رکيون وينديون هيون. ابو الفضل لکيو آهي تہ ١٧ صديءَ ۾ هن جڳهہ تي ١٢ هزار غفائون هيون. ٻڌ جون ٻہ وڏيون مورتيون سان گڏ ڀڳوان ٻڌ کي ويٺل ٻن مورتين ۾ ڏيکاريو ويو آهي. بميان کان اڳتي ڪيترن ئي ٻوڌي اسٽوپن جون نشانيون ملن ٿيون. وهارن جا ٿنڀا سانچي ۽ سارناٿ جي ٿنڀن وانگر آهن. هي ٿنڀا گول آهن. اهڙي طرح جا گول ٿنڀا ڪابل جي پرسان بہ ملن ٿا. انهن مان هڪڙي جو نالو آهي "ميناري چڪري".

باميان ۾ عربا گهڻن ئي ماڻهن جو ڪوس ڪيو تباهي مچايائون. ڪجهہ سال پهريون هڪ جرمن ودوان هڪ قبرستان جي کوٽائي ڪئي تہ سوَن ۾ ٻوڌي جا هڏن جا پڃرا مليا. باميان جي جبلن کي ڪٽي ٺاهيل مورتين کي ناس نہ ڪري سگهيا تہ ڇيو وڇين تو تہ انهن تي تير هلايا ويا جن جا نشان اڄ بہ صاف ظاهر آهن. پرچار ڪيو ويندو هو تہ هي بت شيطان جا آهن ۽ انهن ڪارڻ هنن تي حملو ڪرڻ کپي. افغان سرڪار هن مورتين واري جڳهہ تي مسافرن لاءِ سلامتي

٢٠ صديءَ جي شروعات تائين هن ڪتاب جي هجڻ جي ڪنهن کي به خبر ڪونه هئي. هيءُ چين جي تن هوا نگر پرانت سهستر ٻوڌي غفائن ۾ هڪ غفا جي لڪل ڪوٺيءَ ۾ لڪل پيئي هئي. سنه ١٩٠٠ ۾ جڏهن هنن غفائن جي مرمت ڪئي ٿي وئي ته هڪ مزور پٺيءَ چٽرن سان ڍڪيل ديوار ۾ غلطيءَ مان هڪ ڇيد ڪري ڇڏيو جنهن مان هڪ ڪوٺڙيءَ جو پتو پيو.

جڏهن انگريز پراچينتا جو ماهر سر اوريل اسٽائين هن ڪوٺڙيءَ جي جاچ ڪئي ته هن کي هزارين پراچين هٿ لکتيون جي وچ ۾ ويڙهيل ڪتاب ملي. ايتري پراڻي هجڻ جي باوجود به هيءُ ڪتاب سٺي حالت ۾ هو، چيني ودوان ۽ ياتري هيون سانگ جو هن سڄي پرڳٽي جي باري ۾ بيان ڪيو آهي ان مان خبر پوي ٿي ته افغانستان جو گهڻو علائقو هڪ طرح ته جڻ ڀارت ۾ هيو.

هن ڳالهه جو ويچور ۾ ثابتي ملي ٿي ته جتي باميان ۽ بخارا تائين ڀارت کان هندو ۽ ٻوڌي ياتري ويندا رهندا هئا. اتي هن علائقي جا ٻوڌي ياتري وري گيا تائين پهتا. افغان نگر ڪپيسا ۾ ڪنشڪ چيني راجڪمارن کي قيد ڪري انهن لاءِ هڪ عاليشان محل ۽ وهار جو نرماڻ ڪرايو هو. انهن کي پنجاب ۾ جلندر جي ويجهو به رهڻ لاءِ جڳهه ڏني وئي هئي ڪنشڪ جي سينا، چين جي سينا کي شڪست ڏيئي تارم گهاٽيءَ تي قبضو ڪري ورتو هو.

چيني ودوان هيون سانگ پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو ته، باميان ۾ هندو ۽ ٻوڌي ٻئي رهندا آهن. هن جڳهه ۾ سوين وهار آهن ۽ هزارين ٻوڌي ڀڪشو ۽ وديارٿي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. نگر جي اتر اوڀر ۾ ڀڳوان ٻڌ جي ١٧٣ فوٽ اوچي مورتي

ڪيو ويو۔ مڪي جي باري ۾ چيو ويندو آهي ته هو هرشوردن وانگر داني هو۔ پنهنجي گهڻي ملڪيت دان ڪري ڇڏي هئي ۽ جڏهن سندس وڏي ڪٽنب کي مسلمان ڪيو ويو ته ڪيس خليفي جو وڏو وزير ڪيو ويو۔ سندس پٽن کي وري راجپال ڪيو ويو۔ بدنصيبان اِنهن مان ٽي هڪ عرب شهزادي موهت ٿي پيئي۔

منتري ٻچڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي پر ٻنهي ۾ ڳپت ناتا قائم ٿي ويا۔ هوءَ ڳرڀوتي ٿي ويئي ۽ عرب ۾ حج جي بهاني ويئي، اُتي هن هڪ ٻار کي جنم ڏنو۔ خليفي کي خبر پيئي ته هن برماڪيان مطلب مڪي جي ڪٽنب جي گهڻن ئي ڀاتين کي مرتيو ڏنڊ ڏنو۔ سندس ڪٽيل سر بغداد جي پل جي ڪناري تي گهڻن ئي ڏينهن تائين لٽڪيل پيا رهيا۔ سندن محلن کي ڪيرايو ويو۔ جڏهن هن جي ڪٽنب جو صفايو ڪيو ويو ته عرب لکيو ته اڄ به سندن رهڻ واري جڳهه تي سندس آتما رات جي وقت ايندي آهي ۽ اِن ڪان جو ڪجهه گهريو وڃي اِها ڏئي ڇڏيندي آهي بارماڪيان پريوار جي وقت ۾ سندس ڪوشش سان بغداد ۾ سنسڪرت جا گهڻائي گرنٿ ترجمو ڪري عربي ۾ آندا ويا۔

ترقان، بدڪش، نگرهار، لمپاڪا وغيره ۾ عربن هزارين وهار نشٽ ڪيا، سمرقند ۾ به اهڙو ڪجهه ٿيو۔ هن نگر جو اصلي نالو سگرڌ هو پراڻن نگرن ۾ هنن جو ذڪر اچي ٿو۔ ڪشن گهراڻي جو هڪ ڀاتي وچ اِيشيا جو راجا هو۔ سندس نالو واسديو هو۔ هو شو جو پوڄاري هو۔ اِن نالي وارو هڪ ٻيو به ڪشن راجا به واسديو هو۔ جو ڀارت (سنڌ) ۾ راڄ ڪندو هو۔

اِيسٽ اِنڊيا ڪمپني جي سرڪار جي ڏينهن ۾ سر آئين اسٽائين وڏي پيماني تي کوٽائي ڪرائي هنن وهارن جي باري

رکڻ جو فيصلو ڪيو. ڇو ته هنن محسوس ڪيو ته هو آريه هئا ۽ مسلمان هوندي به پراچين اتهاس ۽ سنسڪرتيءَ جو بچاءُ ڪرڻ کپي. باميان جي مورتين جي مرمت ڪرڻ لاءِ ڀارتي ماهرن جون شيوائون حاصل ڪيون ويئون.

مان هن ليک ۾ افغانستان ۾ مذهب جي نالي تي عربن طوفان ڪيل اتياچارن جو بيان ڪرڻ نه ٿو چاهيان. هن باري ۾ اتهاسڪار گهڻو ڪجهه اڳ ۾ لکي ويا آهن. زمانو بدليو ته احمد شاهه عبداليءَ به ڪابل ۾ شو مندر جو نرماڻ ڪرايو. افغانستان ۾ ڇيل جهاد کان اڳ ۾ ڪٽرواد جو خاتمو ٿي چڪو هو. افغانستان هر لحاظ کان ترقي ڪري رهيو هو. مذهب جي نالي تي هن ديش ۾ ڪڏهن ڪو جهيڙو ڪونه لڳو هو. مون پهريون دفعو ٨ ورهين جي ڄمار ۾ ڪابل ڏٺو. انهن ڏينهن ۾ افغانستان جو وت منتري مئجر جنرل نرنجن داس ڇبر هو. سندس ڌيءَ شاهي دربار جي ميمبر هئي. مون ڪابل ۾ هندن ۽ سکن کي هولي کيڏندي ڏٺو آهي. سنه ١٩٥٤ ۾ مون افغانستان جي شو مندر ۾ پوڄا ڪئي. جنهن کان پوءِ سنه ١٩٧٨ ۾ وري هن مندر ۾ پوڄا ڪئي. ان وقت ڪيترائي هندو ۽ سک افغان سرڪار ۽ سندس سينا ۾ هئا. اڄ نقشو گهڻو بدليل آهي.

افغانستان ۾ بلخ ڪنهن وقت ٻوڌين جو انتر راشٽريه تيرٿ آستان هو. هتي وچ ايشيا جو گهڻو وڏو وهار هو جو ٤ هزارن کان به وڌيڪ ايڪڙن ۾ وسيل هو. جنهن ۾ پوڄارين ۽ ٻين اڌڪارين جي رهڻ جي لاءِ ٣ سو گهر ٺهيل هئا. وهار ۾ ٻوڌي گرنٿن جو ابياس ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ودوان رهندا هئا. عربن ان جو به عام ڪوس ڪيو. هن جي مکيءَ جي ڀٽني ڪشمير کان مدد گهري. پر ان کي ٻڪڙي خليفي جي ڀٽني

موهن جو دڙو ۽ پپل جو وڻ

موهن جي دڙي مان مليل آثارن ۾ ائين معلوم ٿئي ٿو ته ان زماني ۾ وڻ پوڄا عام هئي. سنڌو ماٿر جي مهرن ۽ چٽيل ٺانون تي پپل ۽ ڪونئر ڏيندڙ وڻن جا چٽ چٽيل آهن جن کي سرڳ جا وڻ ڪري عزت سان ڏٺو ويندو هو ۽ ائين سمجهيو ويندو هو ته هنن وڻن ۾ ديوي روح واسو ڪري ويٺا آهن. پپل جو وڻ ته سنڌو ماٿر جي مکيه ديوتائن جي رهائش هو جن ڪان وڌيڪ هن وڻ سان پوتر ڀاونا ڪري هن جي پيش ڪش گهٽ درجي جي ديوتائن جي پوڄا جو روپ ڪمان وانگر سڳن جو روپ ٺاهيو. پپل جو وڻ تخليق ۽ گيان جو وڻ هو ۽ اهو وشواس ڪيو ويندو هو ته جيڪو به پپل جون شاخون پنهنجي مٿي تي رکندو ان کي وڏي درجي جو گيان پراپت ٿيندو جا سهوليت صرف ديوتائن تائين محدود هئي.

ان مان ثابت آهي ته وڻ جي پوڄا ڀارت ۾ ڪافي قديم آهي ۽ اتهاسڪ زماني ۾ ان جو هڪڙ صاف ڏيکاري ٿو ته اهو پراچين رواج هن پنٿ سان گڏ لاڳو رهندي پوءِ هندن اختيار ڪيو پنهنجي ڌرمي سرشتي کي سٺي نموني ڦيري ڇڏيو.

سنڌ ۾ اسانجي شهر ڳڙهي ياسين ۾ مستن (مسندن) جي ٽڪاڻي ۾ هڪ شاهي وڏو پپل جو وڻ هو اهو ايترو ته پکڙيل هو جو آس پاس وارين جڳهين کي ته ڍڪي ڇڏيندو هو پر بزار جا دڪان، خود بزار به ڪافي لنبائيءَ تائين ڍڪيل رهندي هئي. صرف اُس جا ڀاڇولا ۽ ٽڙڪا پيا جهرمر هڻندا نظر ايندا هئا. ان مستن جي ٽڪاڻي ۾ پکين جون وٿون، ننڍيون ننڍيون ڪريل مچيون، ڪڪ، ڏانديو پکين جا ڪريل بيدل ڪڏهن ته انهن پکين جا ننڍا ننڍا ڪريل

۾ هڪ ڪتاب لکيو جيڪو ”سري انڊيا“ جي نالي سان اڄ ٻه دهليءَ ۾ ملي ٿو. هيءُ ڪتاب گهڻن ٿي حصن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ انهن وهارن مان مليل مورتين جون تصويرون شامل آهن. ٻوڌي ڀڪشن جي مارجڻ کان اڳ ۾ غفائن ۾ پنهنجا گرنٿ سلامت رکي ڇڏيا هئا. اُهي ملي ويا آهن.

ڪنشڪ جو سامراجيه بنگال کان وچ ايشيا تائين ڦهليل هو. ان ۾ هاڻوڪو ازبيڪستان ۽ تاجڪستان به اچي ٿي ويا. سوويت يونين ڪشن سامراجيه جي باري ۾ هڪ انتر راشٽريه سيمينار سڏايو هو. دهليءَ ۾ هڪ نمائش به ڪيو. جنهن ۾ ڪشن سامراجيه جي باري ۾ انگريزي ۽ روسي ٻوليءَ ۾ گهڻائي ڪتاب رکيا ويا. ازبڪستان ۾ کوٽائيءَ جي نتيجي ۾ ٻوڌي مندرن جا آثار قديم مليا آهن. ترقان جي هڪ هزار ٻوڌي وهارن جي باري ۾ ڪيترائي پستڪ ڇپيا آهن. جيڪي حرڪتون عرب حملاورن عام ڪوس ۽ وهارن جو نشٽ ڪرڻ لاءِ ڪيون. اُهي ساڳيون طالبان ڪري رهيو آهي. عرب باميان ۾ جنهن مورتي کي ناس ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ويا ان کي بارود سان ناس ڪرڻ ٿا چاهين.

(جمنا داس اختر، نو ڀارت ٽائيمس، ١٩٩١-٤-٢٦
چنڊر ممجئي) آذار

وينديون آهن. انهن کي هڪ ڳاڙهي ڪپڙي ۾ ٻڌي هڪ مٽڪي ۾ وجهي پپل جي وڻ تي ٽنگڻ جو رواج ٻه چالو آهي اهو ان لاءِ آهي وسرجڻ لاءِ چونڊيل اسٿيون گهر ڪونه کڻي وڃي سگهبيون آهن. ان ڪري انهن کي پپل جي وڻ تي ٽنگي ڇڏيو آهي. ان ڪري ٻه پپل جي باري ۾ انڌ وشواس وڌيل آهي. ڪرم ڪانڊ ۾ وشواس رکندڙ ماڻهن جو مڃڻ آهي ته پپل جي وڻ تي برهما جو نواس آهي. شري ڪرشڻ ٻه گيتا ۾ اَرجن کي چيو هو "هي پارٿ، وڻن ۾ پپل مان آهيان."

پپل امر وڻ : پپل ڪڏهن ناس نه ٿيڻ وارو امر وڻ مڃيو ويندو آهي. پاڙن کان مٿي تائين ٿڙ کي نارائڻ چيو ويو آهي ۽ برهما، وشڻو، مهيش، ٽي هن جي شاخائن جي روپ ۾ ظاهر آهن. پپل جا پن سنسار جي پراڻين جي سمان آهن. هر سال نوان پن نڪرندا آهن. پن ڪرڻ شروع ڪندا آهن ناس ٿي ويندا آهن. وري نوان پن نڪرندا آهن. هيءُ ئي جنم مرڻ جو چڪر آهي.

پپل جي وڻ هيٺان گوتم کي ٻڌ پورڻما جي ڏينهن گيان جي پراپتي ملي. گيا ۾ راجڪمار سڌارٿ لڳاتار ستن ڏينهن تائين اشوٿ (پپل) جي هيٺ سماڌي ۾ ويهڻ کان پوءِ انهن ڏينهن ويساکه جي پورڻما تي ڪيس گيان پراپت ٿيو. ان کي سنبوڌي چوندا آهن. ان ڪري گيا کي "ٻوڌ گيا" ۽ اشوٿ وڻ کي (پپل کي) "ٻوڌي وڻ" چوندا آهن. ان سڀ جي ٻوڌ ٿيڻ کان پوءِ گوتم ٻڌ چوايو ويو.

فريدآباد جي جوتش آچاريه پنڊت شيام سندر وتس پنهنجي "شري ٻجرنگه نوگرهه انو سنڌان ايوم جيون پرداين ڪيندر" ۾ پپل جي باري ۾ کوجنا ڪئي آهي. ان جو چوڻ آهي ته صرف پپل جي پوڄا ڪرڻ سان سڀني اپائن جي

ٻچا به نظر ايندا هئا، چوندا هئا ته هيءُ پپل جو وڻ ايترو ته وڏو ۽ جهونو آهي جو سندس ٻاڙون شهر کان دور سدا واهه ڏائين وينديون هيون. هن وڻ جي ڇانو ڪري اونهاري ۾ گرميءَ ڪري گهڻا دڪاندار وڃي مٿن جي ٽڪاڻي ۾ منجهند جي ننڊ ڪندا هئا، ڇاڪاڻ ته ٽڪاڻي ۾ ٿڌاڻ ٻين گهڻي هئي ۽ وري انڌيرو به گهڻو هوندو هو. پپل جي وڻ جي هڪ خاصيت آهي ته هوا جي ٿوري جهونڪي سان ئي پنن جي ڦڙڦڙ ڪرڻ. ٿورو ئي تيز هوائن سان ائين لڳندو آهي ڄڻ طوفان آيو آهي. پپل جو وڻ ايڏو جهومندو آهي لڳندو آهي ڄڻ ڪو مستانو جوڳي پيو جهومي. اهڙو وڏو وڻ وري هت نه سنيران. هن وڻ ۾ رهواسي پکين جون وڏيون وڏيون ڪالونيون هيون. سڄو ڏينهن الڳ الڳ پکين جي آمدرفت جاري رهندي هئي. ائين هيو ڄڻ بمبئيءَ جو شانتاڪروز ايئر پورٽ يا سهارا ايئر پورٽ اهو وڻ هو جيئن ايئر پورٽ تي هوائي آمدرفت سڄو ڏينهن چالو رهندي آهي وري پکين جا آواز! عجيب گوڙ گهمسان وارو وايو منڊل پيدا هئا. خاص ڪري اونهاري جي منڊ ۾ جڏهن سڀ ڪوٺن تي کٽون وڇائي سمهندا هئا. هي ته اسانجو گهر هن کان ڪافي دور هو ته به اسانکي ائين لڳندو هو. باقي وڻ سان ڇانيل جيڪي گهر هئا انهن جي مالڪن کي خبر نه سندن ڪهڙا ڪهڙي حالت ۾ هوندا. اتي پکين جون وٺون هونديون ۽ پيو سڀ ڪچرو هوندو جيڪو مٿن جي ٽڪاڻي ۾ هوندو هو.

سڀني منوڪامنائن لاءِ پپل: عام ماڻهن ۾ پپل جي باري ۾ گهڻائي ڀرم ۽ انڌ وشواس رهيا آهن. هيءَ عام ڌارڻا آهي ته پپل جي وڻ ۾ برهم راڪشس ۽ ڀوتن ۽ پريتن جو واس آهي. مرڻ سرير کي جلائڻ ڪانپوءِ جي اسٿيون ٻڌنديون

موهن جو دڙو ۽ پپل جو وڻ

موهن جي دڙي مان مليل آثارن ۾ ائين معلوم ٿئي ٿو ته ان زماني ۾ وڻ پوڄا عام هئي. سنڌو ماٿر جي مهرن ۽ چٽيل ٿانون تي پپل ۽ ڪونئر ڏيندڙ وڻن جا چٽ چٽيل آهن جن کي سرڳ جا وڻ ڪري عزت سان ڏٺو ويندو هو ۽ ائين سمجهيو ويندو هو ته هنن وڻن ۾ ديوي روح واسو ڪري ويٺا آهن. پپل جو وڻ ته سنڌو ماٿر جي مکيه ديوتائن جي رهائش هو جن کان وڌيڪ هن وڻ سان پوتر پاونا ڪري هن جي پيش ڪش گهٽ درجي جي ديوتائن جي پڳه جو روپ ڪمان وانگر سڱن جو روپ ناهيو. پپل جو وڻ تخليق ۽ گيان جو وڻ هو ۽ اهو وشواس ڪيو ويندو هو ته جيڪو به پپل جون شاخون پنهنجي مٿي تي رکندو ان کي وڏي درجي جو گيان پراپت ٿيندو جا سهوليت صرف ديوتائن تائين محدود هئي.

ان مان ثابت آهي ته وڻ جي پوڄا ڀارت ۾ ڪافي قديم آهي ۽ اتهاسڪ زماني ۾ ان جو هجڻ صاف ڏيکاري ٿو ته اهو پراچين رواج هن پنٿ سان گڏ لاڳو رهندي پوءِ هندن اختيار ڪيو پنهنجي ڌرمي سرشتي کي سٺي نموني ڦيري ڇڏيو.

سنڌ ۾ اسانجي شهر ڳڙهي ياسين ۾ مستن (مسندن) جي ٽڪاڻي ۾ هڪ شاهي وڏو پپل جو وڻ هو اهو ايترو ته پکڙيل هو جو آس پاس وارين جڳهين کي ته ڍڪي ڇڏيندو هو پر بزار جا دڪان، خود بزار به ڪافي لنبائيءَ تائين ڍڪيل رهندي هئي. صرف اُس جا ڀاڇولا ۽ ٽڙڪا پيا جهرمر هٽندا نظر ايندا هئا. ان مستن جي ٽڪاڻي ۾ پکين جون ونون، ننڍيون ننڍيون ڪريل مڇيون، ڪڪر، ڏانديو پکين جا ڪريل بيدا، ڪڏهن ته انهن پکين جا ننڍا ننڍا ڪريل

پورڻي تي سگھندي آھي. پنڊت شيام وٽس جو وشواس آھي ته پتر - پرڪوپ مطلب پترن جي ناراضگي جي ڪارڻ ٻه انسان جيون ۾ واڌارو ڪونه ڪري سگھندو آھي. پترن کي خوش رکڻ لاءِ ھڪڙوئي سولو اُپاءُ آھي، پپل جي پوڄا. شري وٽس ھن پوڄا جي وڌي ٻه ٻڌائي آھي. اُن جو چوڻ آھي ته سڀني منوڪامنائن جو پورو ٿيڻ ۽ پترن کي خوش ڪرڻ لاءِ اُن طريقي سان پوڄا ڪئي وڃي ته اُن وقت ئي ڦل ملندو آھي. وڌي (طريقو) ھن ريت آھي:

پپل جي ھيٺان سنڪلپ: آرتوار جي رات جو پوڄن ڪان پوءِ پپل جي ڏنڊڻ سان ڏند صاف ڪريو. پوءِ سنان ڪري پوڄا جي سامگري کڻي پپل جي وڻ ھيٺان ويھو پاڻي کڻي سنڪلپ ڪريو "مان ھن جنم ۽ پوري جنم جي پاپن کي ناس ڪرڻ لاءِ پوڄا ڪري رھيو آھيان ۽ اھو جل پاڙن ۾ وجھي ڇڏيو. گڻيش جي پوڄا ڪري پپل جي وڻ کي گنگا جل ۽ پنچ امرت سان ڪرايو ۽ ٿڙ کي ڪچو ڌاڳو ويڙھي جڻيو اَرپڻ ڪريو. گل وغيره اَرپڻ ڪريو. آرتي ڪريو ۽ نمسڪار ڪري وڻ جي ١٠٨ دفعا پرڪرما (ڦيرا) ڏيو. ھر ڦيري ڏيڻ مھل وڻ کي مٺائي يا پتاشو ارپڻ ڪري ھڪ ڦل ۽ ھڪ ڏيئو ٻاريو. مطلب ١٠٨ پتاشا ۽ ١٠٨ ڏيئا ٻاريو.

پنڊت وٽس جو چوڻ آھي ته سوموتي اُماس تي اھڙيءَ طرح پپل پوڄڻ سان اُن مھل ڦل ملندو آھي. ائين ته ڪنھن به اُماس تي پوڄا ڪري سگھجي آھي.

پنڊت وٽس جو چوڻ آھي ته ھونئن به پپل ۾ گھڻائي گڻ آھن. جيئن پپل جو ڏنڊڻ ڪرڻ سان ۽ رس چوسڻ سان مليريا ۽ ٻين قسمن جا بخار لھي ويندا آھن. کنگھه ۽ دم ۾ لاڀدائڪ آھي. پپل جي سڪل پنن کي ڪٽي، ڪوٽي سان

وينديون آهن. انهن کي هڪ ڳاڙهي ڪپڙي ۾ ٻڌي هڪ مٽڪي ۾ وجهي پپل جي وڻ تي ٽنگڻ جو رواج به چالو آهي اهو ان لاءِ آهي وسرجڻ لاءِ چونڊيل اسٿيون گهر ڪونه ڪڍي وڃي سگهبيون آهن. ان ڪري انهن کي پپل جي وڻ تي ٽنگي ڇڏبو آهي. ان ڪري به پپل جي باري ۾ اند وشواس وڌيل آهي. ڪرم ڪانڊ ۾ وشواس رکندڙ ماڻهن جو مڃڻ آهي ته پپل جي وڻ تي برهما جو نواس آهي. شري ڪرشڻ به گيتا ۾ ارجن کي چيو هو ”هي پارٿ، وڻن ۾ پپل مان آهيان.“

پپل امر وڻ : پپل ڪڏهن ناس نه ٿيڻ وارو امر وڻ مڃيو ويندو آهي. پاڙن کان مٿي تائين ٽڙ کي نارائڻ چيو ويو آهي ۽ برهما، وشڻو، مهيش، ٽي هن جي شاخائن جي روپ ۾ ظاهر آهن. پپل جا پن سنسار جي پراڻين جي سمان آهن. هر سال نوان پن نڪرندا آهن. پن ڪرڻ شروع ڪندا آهن ناس ٿي ويندا آهن. وري نوان پن نڪرندا آهن. هيءُ ئي جنم مرڻ جو چڪر آهي.

پپل جي وڻ هيٺان گوتم کي ٻڌ پورڻما جي ڏينهن گيان جي پراپتي ملي. گيا ۾ راجڪمار سڌارٿ لڳاتار ستن ڏينهن تائين اشوسٿ (پپل) جي هيٺ سماڌي ۾ ويهڻ کان پوءِ انهن ڏينهن ويساک جي پورڻما تي ڪيس گيان پراپت ٿيو. ان کي سنبوڌي چوندا آهن. ان ڪري گيا کي ”ٻوڌ گيا“ ۽ اشوسٿ وڻ کي (پپل کي) ”ٻوڌي وڻ“ چوندا آهن. ان سمي جي ٻوڌ ٿيڻ کان پوءِ گوتم ٻڌ سڏايو ويو.

فريدآباد جي جوتش آچاريه پنڊت شيام سندر وتس پنهنجي ”شري ٻجرنگه نوگره انو سنڌان ايوم جيون پردايڻ ڪيندر“ ۾ پپل جي باري ۾ ڪوجنا ڪئي آهي. ان جو چوڻ آهي ته صرف پپل جي پوڄا ڪرڻ سان سڀني اڇائن جي

ٻچا ٻہ نظر ايندا هئا، چوندا هئا ته هيءُ پپل جو وڻ ايترو ته وڏو ۽ جهونو آهي جو سندس پاڙون شهر کان دور سدا واهه ٿائين وينديون هيون. هن وڻ جي ڇانو کري اونهاري ۾ گرميءَ کري گهڻا دڪاندار وڃي مستن جي ٽڪاڻي ۾ منجهند جي ننڊ ڪندا هئا، ڇاڪاڻ ته ٽڪاڻي ۾ ٿڌاڻ ٻي گهڻي هئي ۽ وري انڌيرو ٻي گهڻو هوندو هو. پپل جي وڻ جي هڪ خاصيت آهي ته هوا جي ٿوري جهونڪي سان ٿي پنن جي ڦڙڦڙ ڪرڻ. ٿورو ٿي تيز هوائن سان ائين لڳندو آهي جڻ طوفان آيو آهي. پپل جو وڻ ايڏو جهومندو آهي لڳندو آهي جڻ ڪو مستانو جوڳي پيو جهومي. اهڙو وڏو وڻ وري هت نه سنڀران. هن وڻ ۾ رهواسي پکين جون وڏيون وڏيون ڪالونيون هيون. سڄو ڏينهن الڳ الڳ پکين جي آمدرفت جاري رهندي هئي. ائين هيو جڻ بمبئيءَ جو شانتاڪروز ايئرپورٽ يا سهارا ايئرپورٽ اهو وڻ هو جيئن ايئرپورٽ تي هوائي آمدرفت سڄو ڏينهن چالو رهندي آهي وري پکين جا آواز! عجيب گوڙ گهمسان وارو وايو منڊل پيدا هئا. خاص ڪري اونهاري جي مند ۾ جڏهن سڀ ڪوئل ٿي ڪتون وچائي سهندا هئا. هي ته اسانجو گهر هن کان ڪافي دور هو ته ٻہ اسانکي ائين لڳندو هو. باقي وڻ سان ڇانيل جيڪي گهر هئا انهن جي مالڪن کي خبر ته سندن ڪونا ڪهڙي حالت ۾ هوندا. اتي پکين جون ونون هونديون ۽ پيو سڀ ڪچرو هوندو جيڪو مستن جي ٽڪاڻي ۾ هوندو هو.

سڀني منوڪامنائن لاءِ پپل : عام ماڻهن ۾ پپل جي باري ۾ گهڻائي ڀرم ۽ انڌ وشواس رهيا آهن. هيءَ عام ڄاڻ آهي ته پپل جي وڻ ۾ برهم راڪشس ۽ ڀوتن ۽ پريتن جو واس آهي. مرڻ کان سواءِ کي [illegible] جي اڪيلون ...

چاڙهي هڪ رتي چورڻ ماکيءَ سان وٺڻ سان ان مهل لاڀ ٿيندو آهي. پپل جي ڪومل پنن جو رس گرم ڪري ڪنن ۾ وجهڻ سان ڪنن جو درد، ڪن جو وهڻ ٺيڪ ٿي ويندو آهي. ڪومل ۽ نرم پنن جو رس ماکيءَ ۾ ملائي استعمال ڪرڻ سان اکين جي ڳاڙهائڻ، اکين جي سوڄ وغيره ۾ آرام ملندو آهي، اکين جي جوت به وڌي ٿي.

سڀ کان وڌيڪ آڪسيجن پپل ۾:

پپل جي هڪ ٻي به خاصيت آهي. تلسيءَ کان پوءِ هيءُ ئي وڻ ڏينهن رات آڪسيجن ڪيندو رهندو آهي. هيءُ وڻ خراب اشد هوا يعني ته وايو منڊل جي ڪاربان - ڊي - او ٻه کي کڻي ڏينهن رات شڌ هوا ڇڏيندو آهي. شايد هيءُ ئي سبب آهي جو هندو ڌرم ۾ پپل جون ڪاٺيون ڪٽڻ، ٻارڻ پاپ سمجهيو ويندو آهي. پپل جي رکيا لاءِ ممڪن آهي ته اُن ۾ برهما وغيره ديوتائن جي رهڻ جي ڪلپنا ڪئي وئي آهي ۽ اڄ ڪلهه ان ۾ برهم راڪاس جو نواس به ڪري ڪلپنا ڇڏيو آهي جيئن ماڻهو ڊڄن ۽ وڻ کي هاڃي نه پهچي.

اسان پنهنجا جهنگل ڪٽيا پر پنگتي وڻڪار کي به ختم ڪري ڇڏيو. پپل جي گذريل هزارين سالن کان هلندڙ پرمپرا کي اڻ ڄاڻائيءَ سان اسان ئي ختم ڪيو. هاڻ ته وگيانڪ سچ آهي ته پپل وايو منڊل ۾ سڀني کان وڌيڪ آڪسيجن جو انداز ڇڏي ٿو. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته خراب هوا کي ظابطي هيٺ آڻڻ ۾ پپل جو ڪيترو يوگدان آهي.

پورتي ٿي سگهندي آهي. پنڊت شيام وٽس جو وشواس آهي ته پتر - پرڪوپ مطلب پترن جي ناراضگي جي ڪارڻ به انسان جيون ۾ واڌارو ڪونه ڪري سگهندو آهي. پترن کي خوش رکڻ لاءِ هڪڙو ئي سولو اپاءُ آهي، پپل جي پوڄا. شري وٽس هن پوڄا جي وڌي به ٻڌائي آهي. اُن جو چوڻ آهي ته سڀني منوڪامنائن جو پورو ٿيڻ ۽ پترن کي خوش ڪرڻ لاءِ اُن طريقي سان پوڄا ڪئي وڃي ته اُن وقت ئي ڦل ملندو آهي. وڌي (طريقو) هن ريت آهي:

پپل جي هيٺان سنڪلپ: آرتوار جي رات جو پوڄن ڪان پوءِ پپل جي ڏندڻ سان ڏند صاف ڪريو. پوءِ سنان ڪري پوڄا جي سامگري کڻي پپل جي وڻ هيٺان وڃو پاڻي کڻي سنڪلپ ڪريو "مان هن جنم ۽ پوري جنم جي پاپن کي ناس ڪرڻ لاءِ پوڄا ڪري رهيو آهيان ۽ اِهو جل پاڙن ۾ وجهي ڇڏيو. گڻيش جي پوڄا ڪري پپل جي وڻ کي گنگا جل ۽ پنج امرت سان ڪرايو ۽ ٽڙ کي ڪچو ڌاڳو ويڙهي جڻيو اَرپڻ ڪريو. گل وغيره اَرپڻ ڪريو. آرتي ڪريو ۽ نمسڪار ڪري وڻ جي ١٠٨ دفعا پرڪرما (ڦيرا) ڏيو. هر ڦيري ڏيڻ مهل وڻ کي مٺائي يا پتاشو ارپڻ ڪري هڪ ڦل ۽ هڪ ڏيئو ٻاريو. مطلب ١٠٨ پتاشا ۽ ١٠٨ ڏيئا ٻاريو.

پنڊت وٽس جو چوڻ آهي ته سومواري اماس تي اهڙي طرح پپل پوڄڻ سان اُن مهل ڦل ملندو آهي. اِئين ته ڪنهن به اماس تي پوڄا ڪري سگهجي آهي.

پنڊت وٽس جو چوڻ آهي ته هونئن به پپل ۾ گهڻائي گڻ آهن. جيئن پپل جو ڏندڻ ڪرڻ سان ۽ رس چوسڻ سان مليريا ۽ ٻين قسمن جا بخار لهي ويندا آهن. ڪنگهه ۽ دم ۾ لاڀدائڪ آهي. پپل جي سڪل ٻين کي ڪٽي، ڪپڙي سان

خود چيني ياتريءَ هيون سانگ پنهنجي ياترائن ۾ هن دڙي جو سندر نمونو ورڻن ڪيو آهي. هتي جي مڙهين ۽ مٺن جي باري ۾، ڀڪشن ۽ ڀڪشڻين جي باري ۾ ٻڌايو آهي.

٢٠ صديءَ جي شروعات تائين ڪاهوءَ جو دڙو اڻ ڄاتل ئي رهيو. ڪنهن کي به ڪاهوءَ جي دڙي جي هئڻ جي ڄاڻ ڪانه هئي ۽ جڏهن هن دڙي جي کوٽائي سنه ١٩١٠ع ۾ ڪئي ويئي ته خبر پيئي ته هيءُ دڙو ٻڌ ڌرم جو ڪيندر هو.

حيدرآباد سنڌ کان هڪ ميٽر گيج لائين جا ٿر ۾ وڃي ٿي جنهن کي ورهاڱي کان اڳ راجا جي لائين يا جوڌپور ريلوي ۽ جي. آر. چوندا هئا. هن ميٽر گيج لائين تي هڪ ميرپور خاص ريلوي اسٽيشن آهي. هن اسٽيشن تي لهڻ سان ڪاهوءَ جي دڙي جو سفر چالو ٿئي ٿو.

ڪاهوءَ جي دڙي جي کوٽائيءَ مان جيڪي جڳهيون مليون ٿيون تن مان اها ڄاڻ پوي ٿي ته هي ٻڌ ڌرم جي ڦهلاءُ جو ڪيندر، عيسوي کان ۴ صديءَ ۾ ڪشن گهراڻي جي حاڪم وسديو جي وقت جو ٺهيل آهي. مها راجا اشوڪ جي گرو جو نالو سوامي اُپگپت هو. اهو به اهنسا مت ڦهلائڻ لاءِ، جن جن شهرن ۾ ويو هو، تن شهرن ۾ به سنگ ڌرو موڪليائين. گوتم ٻڌ پنهنجا پوتر چرڻ سنڌ ۾ به گهمايا هئا. اُپگپت سوامي به سنڌ ۾ آيو هو. تنهن ڪري اِنهن سڀاڳن سنگن جو ڌرو، سنڌ کي به مليو ۽ سنڌي ماڻهن اسٽوپ جوڙايا. سمي پائي، اُهي ڍهي ويا ته وري نوان سنوان اسٽوپ ٺهيا، جن مان ڪاهوءَ جي دڙي ۽ موهن جي دڙي وارا اسٽوپ مشهور آهن.

ڪشن گهراڻي جي راجا ڪنشڪ، ٻڌ ڌرم کي زور وٺايو. ڪانئس پوءِ وسديو پهريون ۽ وسديو ٻيو، سنڌ جا حاڪم ٿيا. موهن جي دڙي ۽ ڪاهوءَ جي دڙي وارا ٺلهه، وسديو پهرين جي

ڪاهوءَ جو دڙو

سنڌ پرڳڻي جو سنڌو ماٿر ڪيترن هڪ عجيب و غريب رهسيه‌مئي ايراضي آهي جا الڳ الڳ سڀيتائن جي دڙن سان ڀريل آهي. هي عيسيٰ کان اڳ ۽ عيسيٰ کانپوءِ ڪيترين صدين ۾ ڦهليا ۽ ڦوليا. تواريخ نويس، ماهر ۽ ٻيا ڪيترا هوشيار اُستاد هنن سڀيتائن جي اوچتو گم ٿيڻ تي اچرج ۾ پئجي ويا آهن.

لڳ ڀڳ عيسيٰ کان ٽي هزار سال اڳ يعني ته اڄ کان اٽڪل ٥ هزار سال اڳ جڏهن سنسار جا ٻيا ديس انڌڪار ۾ ٿري رهيا هئا، ڀارت جي هيءَ سنڌو ماٿر ايراضي، ڪلا، وگيان ۽ ساهتيه جي کيتر ۾ ڪافي اڳ نڪري چڪي هئي. جڳهين جوڙڻ جي ڪلا جا جيترا مثال موهن جي دڙي مان ملن ٿا يا ڀارت ۾ لوٿل جي کوٽائن مان مليا آهن، اُهي ايترو اڳتي هئڻ ڪري ڀارت لاءِ فخر جو باعث آهن. سڄي سنسار جا ماڻهو خاص سيڙجي اُنهن ايراضين ۾ گهمڻ لاءِ ڀارت ۾ اِيندا آهن.

سنڌو ماٿر جا سڀ مکيه دڙا اڄ به پنهنجي سونهري سميه جي سڀيتائن جي باري ۾ ٻڌائي رهيا آهن ۽ پنهنجي سڀيه هئڻ جي ڪارڻ سڄي دنيا ۾ مشهور آهن ته ٻئي پاسي هڪ ٻيو مشهور دڙو، ڪاهوءَ جو دڙو سنڌ پرڳڻي کان ٻاهر اڻ ڄاتل آهي.

قريب هڪ سؤ ميل، حيدرآباد سنڌ جي دور اوڀر ۾ ٿرپارڪر ضلعي ۾ اسان ان ڪاهوءَ جي دڙي کي ڏسڻ لاءِ رکياسين، جنهن پنهنجي ڪشش ڪري ڪيترن ئي شوقينن کي پاڻ طرف ڇڪيو آهي. سنڌ ۽ ڀارت ۾ اسلام جي اچڻ کان اڳ ڪيتريون صديون پهريون، هوشيار ڪاريگرن ڪاهوءَ جي دڙي مان ٿهيل جڳهيون ناهيون هيون. ڪيترين ئي صدين تائين هي دڙو جڏهن دڙو ڪونه هو ٻڌ ڌرم جو مرڪز ٿي رهيو آهي.

نما شام جي اَچڻ سان سورج ٻـُڏڻ شروع ڪيو هو ۽ ڏيري ڏيري رات جو اَنڌڪار پکڙجي رهيو هو. پوري ڳاڙهي رنگ ڪاهوءَ جي ڌڙي جي منڊرن، مڙهين کي چئني پاسن کان گهيرو ڪرڻ شروع ڪيو هو، سورج جا آخرين ترورا تلن تان لهندا ٿي ويا.

رات جي شانت واتاورڻ ۾ ٻوڌي ڀڪشن جا اُچارڻ آواز رهي رهي نموني ٻڌڻ ۾ ٿي آيا.

وقت (عيسىٰ کان پوءِ ١٥٨-١٧٧ع) ۾ وري ٺهيون سر جڙيا هئا پر پرنس آف ويلس بمبئي ميوزم ۾ ڪاهوءَ جي دڙي جو وقت عيسىٰ کان پوءِ چوٿين صدي لکيل آهي.

هينئر ته اهو ڪاهوءَ جو دڙو کنڊهر جي روپ ۾ آهي. نه آهن مڙهيون، ۽ نه وري مٺ ۽ استوپ جهڙيون ٻن منزلن تائين هيون. پڪ سريون جهڙيون هيون ۽ جهڙين ۾ تٿاگت جا چٽر بوٽن ۾ ٺهيل جارن ۾ سمايل هئا ۽ اهي جارا اڄ خالي آهن. انهن جارن مان مهاتما ٻڌ جون مورتيون ڪڍي دنيا جي ميوزمن ۾ رکيون ويون آهن.

ذرا سوچيو ته ان زماني جو هي پرپسر مندرن، مڙهين، استوپن، وهارن، چيتين وغيره سان ڀريل هو جو ڪڏهن هزارن ٻوڌي ڀڪشن جي آوازن سان ڀريل هوندو هو. سچ پچ اکين جي لاءِ منتر مگڌ ڪرڻ وارو وارتاورڻ هوندو. هڪ وارت اُتسو لڳندو هوندو. پر هاڻي مندرن ۽ مڙهين جي پٿين جي جارن مان نڪتل تٿاگت جون پڪيون مورتيون جي ڪارڻ جارا ائين لڳي رهيا هئا جڻ ڪنهن، ڪنهن جون اکيون ڪڍيون هجن

سندو گهاٽي جي سڀيتا جنهن سنڌا سنا نگر اُتپن ڪيا ۽ خوبصورت پڪ سرون جهڙيون جي گهڙو ڪري ٻه ماڙ تائين هيون ۽ اُهي ٻه اڄ کان قريب ٥ هزار سال پهريون رتا سان جڙيل هئا. اهو ثبوت ڪاهوءَ جي دڙي ۾ ٻه هو. پڪل سرون جن ۾ ڌرم جون خوبصورت آڪرتيون، پدم آسن ۾، گوتم ٻڌ سان سنٻنڌ رکندڙ انيڪ ٺهيل نظارا، سندو گهاٽي جي الڳ ڪاريگري جي باري ۾ ٻڌائي رهيون آهن.

خراب نموني ناس ٿيل هي کنڊهر ماڪيءَ جي ماڻارن سان ڀريل هئا.



اميان ماٿر ۾ ٻڌ

فغانستان قديم زماني کان
يين مورتين جو پنڌ رهيو
ي. خاص ڪري مهاتما ٻڌ
ن به وڏيون مورتيون، جي
ميان گهاٽيءَ جي جبلن ۾
تيون ويون آهن ۽ هميشه عجب
نشان رهيون آهن. ٻنهي جي
مت جو ڪم پارتي ماهرن جولاءِ
١٩ ۽ آڪٽوبر ١٩٧٧ع جي وچ ۾
رو ڪيو. جنهن ۾ ماوڏي مورتي
ي ٦٠ فوٽ اوچي آهي. عيسي
ن پوءِ جو ٽين صدي ۾ ٺهي. هيٺيون
باميان ماٿري جو آهي

